

# راتيون جاڳڻ جي.... (ناول)

از:- ناصر موراڻي

اداره "زندگي" پبليڪيشن حيدرآباد

# "زندگي" جو منزل ڏانهن ٻيو قدم

## ناول

# راڻيون جاڳن جي ....

از

**ناصر مورائي**

منتظم
ع - و - شيخ

معاون
حميد سنڌي

قيمت ٠—٦—١

"زندگي" پبليڪيشن حيدرآباد

## معذرت

ڪن سببن ڪري چند غلطيون رهجي ويون آهن، جنهن لاءِ اداره معذرت خواه آهي. اميد ته پڙهندڙ درست ڪندا.

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- | --- |
| ١٠ | ١٨ | پلاروتي به ڪو | پلا روئي به ڪنهنکي |
| ١٢ | ٤ | پڻ | نه |
| ٤٠ | ٣ | ننڍڙا | نندرا |
| ٤٣ | ٢١ | پرين | پر |
| ٧٣ | ٤ | ڏانهن | دانهن |

(اداره)

# انساني زندگيءَ جو مقصد

تخليق رباني ۾ هرهڪ وجود ٻئي وجود جو بنياد آهي. هڪ وستو مان ٻي نئين وستو پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري تخليق ۾ مسلسل تحرڪ قائم آهي. تحرڪ جو ٻيو نالو زندگي آهي. زندگي جمادات، نباتات، حيوانات ۽ انسانيت جا مدارج طئي ڪري عروج ڏانهن راغب آهي. زندگيءَ جو ٻيو نالو ترقي آهي. زندگيءَ جي طوالت ڪيڏي به هجي ۽ ڪيترا به مدارج طئي ڪري، پر انکي هڪ سمجهڻ گهرجي.

هرهڪ نوعي درجي ۾ ماضي ۽ مستقبل جون قوتون متحرڪ آهن. ماضي قوتون تنزل ڏانهن ڇڪين ٿيون، پر مستقبلي قوتون ترقي ڏيارڻ چاهين ٿيون. هڪ ارتقائي وجود حاصل ڪرڻ لاءِ ماضي قوتن کان بي پرواه ٿيڻو پوندو آهي. هرهڪ ارتقائي درجي کي وري نيون خصوصيتون حاصل ٿين ٿيون. جهڙيءَ طرح نباتات ۾ حس ۽ واڌ موجود آهي. وري حيوانات کي شعور ۽ ارادو حاصل آهي، پر نباتات ۾ موجود نه آهي. اهڙيءَ طرح انسانيت، علم، عقل، عدل ۽ نطق سان سرشار آهي، پر حيوانات ۾ انهن جي موجودگي نه آهي. انسانيت کان سواءِ هرهڪ طبقو پنهنجي دائره اندر قوتن کي استعمال ڪرڻ لاءِ فطري مجبور آهي، پر انسانيت کي اختيار ڏنو ويو آهي.

# ٻه اکر

اسان منڍي ٻولي سنڌي کي زندگي جي منزل ڏانهن هڪ قدم ڪڍايو، جو هن نئين زندگيءَ جو پهريون قدم هو. قدم منزل جانب ڪڻندي محسوس ڪيوسين ته منزل ڏانهن پيچرو صحيح آهي، پر رستي تي مشڪلاتن جي انتها ناهي.

"محبت پائي من ۾ رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻ توريو اگهايو."

"سيمي" جي مقبوليت ڏسي اسان محسوس ڪيو ته قدردانن جي ڪمي ناهي، پر انهيءَ سان گڏ دشمنن جو به ڏيک ڏٺوسين. چاڪاڻ جو ڪم نيڪ هو ۽ نيڪيءَ جي ضد بدي موجود هجڻ لازم آهي. پر اسان پنهنجي قدردانن کي اهو يقين ڏيارڻ ٿا چاهيون ته فتح هميشه نيڪي جي رهي آهي.

ديس واسين همت ته ڏياري، پر ان سان گڏ شينهن ۽ ٻڪري واري مسئلي پيدا ڪري ڇڏي، پر اسان دل ٻڌي پاڻ کي شينهن مثل محسوس ڪري سچ ۾ ٿيو ڏنو آهي. ڪيتري قدر رهجي راس ٿيا آهيون، اهو پرکڻ ڪم سڄڻن جو.

اسانکي اهو فخر آهي ته اسانجو ٻيو قدم نهايت ئي شاندار نموني ۾ کڄي رهيو آهي. ڪوشش ته اهائي آهي، وڌيڪ صرافن جي ڏور تي منحصر آهي. اسان کي اهو اعتراف آهي ته گذريل اشاعت ۾ گهٽيون ئي خاميون رهجي ويون ۽ اسانکي خوشي ٿي جو سڄڻن انهيءَ طرف توجه ڏياري. هن دفعي سندن شڪايت دور ڪري نهايت ئي عمده گيت-آپ سان سوکڙي

# ديباچو

پيار اٿئي زندگي ۽ زندگي پيار. قدرت جو هن ڪائنات کي ’ڪين‘ مان پيدا ڪري، منجهس باغ بستان، گل غنچا ۽ دلڪش نظارا پيدا ڪيا، جنکي ڏسيو نه فقط انسان جو، پر جانورن ۽ پکين جو روح ريجهيو وڃي. گلستان ۾ مکڙي جي جواني تي مست ٿيو، بلبل پيئي ٽيلارا ڏيندي، عشق جي آگ جا دل ۾ دکندس، ته درد مان دانهون پيئي ڪندي. چڪور کي ڏس! چنڊ جي چاهه ۾، ڪيئن ٿو آهون دانهون ڪري، محبوب کي ملڻ لاءِ پاڻ پتوڙي. انهن ساهوارن کي ڇڏي، هن قدرت جي ڪمال کي پس! سورج مکي ڏس، جو سڪ مان سينو اڀو ڪري، سورج ۾ نظرون وجهيو ويٺو آهي. اهي سڀ نينهن جو نياپو ڏيئي رهيا آهن. قدرت جو هيءُ ڪارخانو، سڄو پيار تي هلي ٿو. پيار کان سواءِ زندگي اڌيي ۽ اڻپوري آهي.

زندگي پيار آهي ۽ پيار قرباني. پتنگ نتو ڏسين! ڪيئن نه شمع جي شوق ۾ پاڻ جلائي ڇڏي. پر شمع جي به ته قرباني ڏس، جو پاڻ کي جلائي ٿي، تڏهن ته پروانو پاڻ نثار ٿو ڪريس.

"جان جيئين تان جل، ناهي جاءِ جاڻ ريءَ."
پريم جي ڪرين، تہ اوجاڳا بہ ڪڍ، چاڪاڻ تہ
پريم قرباني چاهي ٿو.

پيار انسان جي فطرت آهي، پر ان پيار جي پرتي لاءِ شفيق پڻڪندو ٿو رهي. ننڍي هوندي ماءُ جي مامتا تہ نصيب نہ ٿيس، پر پيءُ جي پدري شفقت کان بہ محروم رهيو. جوانيءَ ۾ عائشہ سان اکڙيون اٽڪيس، پر هن سماج نہ فقط کيس روهہ رلايو، پر معصوم عائشہ کي بہ تباه ڪري ڇڏيو. ان جي بي جوڙ شاديءَ ڪري عائشہ جي اولاد بہ سکي زندگي نہ گذاري. آخر نسيم شفيق جي همدرد ٿئي ٿي، پر هن کي تہ ازل کان اوجاڳا ملليل هئا.

اهي حادثا اسانجي هن سماج ۾ عام آهن، جنکي سهيڙي کهاڻيءَ جي صورت جا ڏني اٿم، سا حقيقت آهي، ٿي سگهي ٿو تہ توهانجي آپدا هجي، يا منهنجي، يا ڪنهن ٻئي جي. جيڪڏهن ان حقيقت کي ڏسڻ ٿا چاهيو تہ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسو، جنهن سماج کي توهان بڻايو آهي، جيڪڏهن بڻايو نہ اٿو تہ اپنايو ضرور اٿو، ان ۾ گهڻئي شفيق جهڙا راتيون جاڳندڙ ملي ويندو.

آءَ آهيان توهانجو
ناصر

# * انتساب *

راتيڙن
جاڳيءَ، پنهنجي
پيش ڪيل پورهئي،
پنهنجي والد صاحب جي
نالي سان منسوب
ڪريان ٿو.
شل قبول
پوي.
|
ناصر

# رائيون جاڳن جي ....

نسيم کي ڌپ پئي ٿيو ته پروفيسر شفيق ڳالهائيندو به يا نه. هوءَ همت ڪري آئي هئي، پر جڏهن استادن جي بيٺڪ واري ڪمري وٽ پهتي ته ڍيرئي ڍرا ٿي ويس. اها سڀني کي خبر هئي ته پروفيسر شفيق تمام چيڙاڪ طبيعت آهي. ان جي آڏو ويندي ڪنهن کي به همت نه ٿيندي هئي. هو تمام سنجيده ۽ ٿور ڳالهائو هوندو هو. خاص ڳالهه، اها هئي جنهن نسيم کي بي همت بنايو هو، ته هو ماڻهن جي صحبت يا انهن ۾ اٿڻ وهڻ، اصل پسند نه ڪندو هو. ۽ هوءَ وري آئي هئي ڪيس وڏي، پاڻ جي شاديءَ جي نينڍ ڏيڻ. پروفيسر بشير ته چيو هئس ته "بابا اسان سڀ اچڻ لاءِ تيار آهيون، بشرطيڪ شفيق صاحب گڏ هلي."

۽ هن به ڪٿي هام هڻئي ته "مان ٿي شفيق صاحب کي، مڃائيان—"

”سائين مان اندر اچي سگهان ٿي“ نسيم، دروازي تي لٽڪيل چڪ کي هٽائيندي، جهجهڪندي چيو-

”ها اچ، ڪهڙو ڪم اٿئي ڇوڪري؟“ پروفيسر شفيق سنڪندي وراڻيو.

ڪيس مشڪندو ڏسي البت دل ٻڌائين ته عرض ڪيانس من مڃي. پر يڪدم دماغ ۾ هڪ تجويز ڦري آيس.

”تڪليف معاف ڪيو ته...“

”ها ها چئو- ڇا پڇڻو اٿئي؟“

”شاه جي شاعري تي مضمون لکڻو اٿم- خيال ڪيم ته توهان کان ڪجهه ان بابت ڄاڻ وٺان-

”شاه جو شعر عمل زندگي آهي- ان تي ڪجهه توهان روشني وجهو-“

”شاه نه فقط اسان لاءِ شاعر هو، بلڪ ولي الله به هو ۽ ولي الله رهبر انسانيت آهي. هو اسان لاءِ محبت ۽ آزادي جو پيغمبر ٿي آيو هو. سندس هر شعر عمل زندگي آهي. هو نه فقط اسان سنڌين لاءِ بلڪ ساري دنيا هڪ ناصح جي حيثيت ۾ آيو هو. هن اسان کي انسانيت جو سبق ڏنو آهي، پريت جو پيغام ڏنو آهي. سندس شعر ۾ اها خاص خوبي آهي جو ماحول کان ٻاهر نه

ويو آهي. هدايت ڪندي مثالي جملن ۾ شعر چيا اٿس جهڙوڪ هڪ هنڌ آهي،

ولر ڪيو وتن پريت نه چنن پاڻ ۾

پسو! پکيئڙن، ماڻهنئان ميٽ گهڻو.

(شاه)

نسيم جي ته دل وٽان ڳالهه هئي. امالڪ چيائينس "معاف ڪجو، جيڪڏهن هڪ سوال پڇان."

"ها چئو."

"پوءِ توهان ماڻهن کان ايترو دور ڇو گذاريندا آهيو؟"

"دور... ماڻهن کان مان...!" پروفيسر ڪجهه ڪڪو وڪو ٿي ويو.

"منهنجو هڪ عرض مڃيو. ۽ اميد اٿم نراس نه ڪندؤ." ائين چئي دعوتي پترو ڪڍي آڏو رکيائينس ۽ نماڻا نيڻ کڻي نهارڻ لڳس. پروفيسر شفيق هاڻي ته ٻن ٻاهين ۾ اچي ڦاٿو. جي ٿو انڪار ڪري ته شاه جو شيدائي سڏائيندي شرم ٿو اچيس، ۽ جي ٿو اقرار ڪري ته سندس اصول ٿو ٽٽي.

"ڇوڪري توکي ڪهڙي خبر ته آءٌ اڪيلو رهڻ ڇو ٿو پسند ڪريان؟ هن دنيا جي هل هنگامي کان

دور چو ٿو گذاريان؟“ هن دل ۾ سوچيو ۽ لفظ زبان تي اچي رهجي ويس.

”چڱو مان ايندس...“ هن ٿڌو ساه کڻندي چيو. نسيم ڏٺو ته سندس چهري تي ڪجهه ملولائيءَ جا آثار هئا.

”مهرباني. اڄ شام جو توهان جو انتظار ڪنديس. ٺيڪ ساڍي پنجين بجي.“ ائين چئي هوءَ ٻاهر نڪتي، ڏورو گهڙي به نه ترسي ته متان وري ڦيرو ڪائي انڪار ڪري وجهي، مس مس ته مڃايو هئائينس. ٻاهر نڪتي ته سڀ ساهيڙيون، جي سندس انتظار ڪري رهيون هيون چوڻ لڳس ”ڪر خبر! فلسفي صاحب ڪو فلسفو ته ڪونه چيڙي ويٺو هو؟“ ”۽ اڄ وري اهڙن فلسفين کي پڄڻ واري آهيان. پٺائي جو شعر چيڙائي ڪانئس مڃايم ته هو شام جو ضرور ايندو—“

”ڪهڙي شعر تي سرچي ويو.“

”پسءِ پکيڙن ماڏهڻان ميٺ گهڻو“

”واه واه. هاڻي پريت رکندو“ سيني تاڙيون وڄائيندي، نسيم کي داد ڏيندي چيو.

”چڱو هاڻي شمي، رضو، فرخي شام جو توهان ساڍي پنجين بجي مون وٽ پهچي وڃو. شاديءَ جي انتظام ۾ مدد ڪرائجو.“

”هاڻي تہ جلد تنهنجو بہ وارو آهي نہ“ شميم چيو.
”ها - ها - چاڻ تو بہ هٿن کي ميندي لاتي“ نسيم
وراڻيو ۽ ڪار جو دروازو کولي وجي اندر ويٺي.
ڪار ڊڏڙ اڏائيندي رواني ٿي ويئي.
”انتظار ڪنديس...!“ شفيق پڙڪيو.
”انتظار ڪندي. هون... انتظار... منهنجو انتظار
ڪندڙ آهي ڪير!“ هو اتي دريءَ کان ٻاهر خال
۾ گهورڻ لڳو. هو ڪجھ وقت سوچيندو رهيو. خيالن
مان تڏهين سجاڳ ٿيو جڏهن پروفيسر بشير اچي ڪلهي
تي هٿ رکيس.
”اڏو تہ هلون گهر - ٻہ ٿي ويا آهن.“
”ها ها... هلو“
”ٻڌو تہ ٻڌو، شام شادي جي دعوت تي هلڻو آهي -
پرنسيپال صاحب چيو تہ سڄو عملو هٿ گڏ ڏئي تہ پوءِ
سڀ گڏجي هلنداسين. ڇوڪري ڪار موڪليندي - پوءِ
ڀلا توهان پوري پنجين بجي تيار هججو. آءٌ توهان
کي گهران وٺيو ايندس.
”ها- چڱو آءٌ تيار هوندس.“ ڳالهيون ڪندا ٻئي
ٻاهر نڪتا پروفيسر بشير ڏٺو تہ اڄ پهريون دفعو
هو، جو هو ساڻس گڏ هلي رهيو هو.

”خبر ناهي ڇوڪري ڪهڙو هن تي جادو پڙهي ويئي.“ بشير سوچيندو رهيو. سڄي وات پاڻ ۾ ڪونه ڳالهايائون جڏهن شفيق جو گهر آيو ته بشير سوڪلائي هليو ويو.

## ( ٢ )

شفيق گهر ۾ اندر گهڙيو، پڙهڻ واري ڪمري ۾ ڪتاب رکي، اتيئي پيل آرام ڪرسيءَ تي ٽنگون ٽيڙي پئجي رهيو. نوڪر آيو، ”ڪاڌو تيار آهي“ جو اطلاع ڏنائينس، پر هن انڪار ڪيو.

هو ڪجهه سوچي رهيو هو. سندس نظرون سامهون پيل ڪتابن واري الماريءَ تي هيون. ڪتاب تي هڪ ننڍي ڇوڪري جي تصوير هئي، جنهن کي ڪڇ ۾ ڪتابن جو ڏيلهو هو ”ٻار اسڪول ۽ گهر ۾“ ننڍن ٻارن جي نفسيات تي لکيل هو. ”ٻار اسڪول ۽ گهر ۾“ اهي اکر هن جي آڏو ڪنهن مهل تمام وڏا ٿي ٿي ويا ته وري ڪنهن مهل گم ٿي ٿي ويا. ڪتاب تي ڇپيل تصوير، جنهن ۾ هڪ معصوم ٻار سهڻن ڪپڙن ۾ ويڙهيل، اسڪول وڃي رهيو هو؛ ڦري هڪ مايوس ٽيل ٻار جي صورت ورتي، جنهن جا وار اٽيا، ڦاٽل ٽٽل ڪپڙا پيل، پير اگهاڙا، اسڪول وڃي رهيو هو. تصوير ڪنهن مهل ڌنڌلي نظر اچي

رهي هئي. آهستہ آهستہ چتي ڏسڻ ۾ آئي. ڇوڪرو سري اسڪول جي ٻاهرين در تي آيو. دروازي کان جهاتي پائي ڏٺائين تہ ماستر جو لڪڻ ڦري رهيو هو. ڪنهن سهل ڪنهن ڇوڪري جي ڇتان تي ٺٺو تہ وري ڪنهن سهل ميز تي ٺڪاءُ تي ڪيائين.

هن جي ٻت ۾ ڏڪڻي ٻڌجي ويئي. "اڄ دير ٿي ويئي اٿم. سائين دير جو سبب پڇندو، تہ ڇا جواب ڏيندس؟ امان نيرن دير سان ڏني آهي. اهو تہ روز چوندو آهيانس." اهي ٻور پڇائيندو، اندر گهڙيو. لڪندو ڇپندو، ڪلاس ۾ گهڙي هڪ ڇوڪري سان رڙهي سرڪي ڀرئين‌ءَ بينچ تي ٿي ويٺو. هڪ شرير ڇوڪري رڙ ڪري چيو "سائين شفو هيئر آيو آهي."

"اڙي ڇو، دير ڪئي اٿئي...؟ ڪٿي جا پڇ..." ماستر جو لڪڻ ميز تي ٺڪاءُ ڪري، هوا ۾ لڏڻ لڳو. ڇوڪري جو ٻت، اڌ ساه تہ ان رڙ ٻڌندي ڇڏي ويو، وبتر جو لڪڻ تي نظر پيس تہ ڌپ وٺي ويس. اکر ئي نہ اڪليس. ماستر جي هيبتناڪ صورت جو ڏٺائين، ذهن تہ پڪ ڏياريس تہ "اڄ بچڻ مشڪل آهي."

"ٻڌائين ڇو نہ ٿو ڇورا...؟" ۽ ان سان گڏ زيپٽ ٿي ويس- ڇوڪري کان هٿ مان ڪتاب ڪري وڃي

پٽ تي پيو. ضعيف ٻت تي هڪ پنيان ٻيو... ٽيون... لڪڻ وسڻ لڳو. شفو رڙيون ڪري روئڻ لڳو تڏهن وڃي ماستر جي تتل دل تي ڇنڊو پيو. ڇوڪرا وڏي آواز سان پڙهڻ لڳا. ماستر ڪرسيءَ ۾ گهڙي ويو، اکيون پوري، گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو. ڇوڪرا ماستر کي ان حالت ۾ ڏسي شرارتون ڪرڻ لڳا. هڪڙي ٻئي کي ڇهنڊي هنئي، ڪنهن ڪنهنکي چڪ، ڪنهن ٺڪڙ، ڪو روئڻ لڳو، ڪو وات ڇپو ڪري ويچارا ڏيڻ لڳو. ان گوڙ تي سجاڳ ٿي، لڪڻ کي ميز تي ستيندي رڙ ڪري چيائين "اڙي... ڪتي جا پچ... گوڙ بند ڪيو..."

"سائين رسيس جو گهنڊ هڻان؟" هڪ ڇوڪري چيو.

"ها ڇورا وڃو رسيس تي." ماستر وري اکيون پوري ڪرسيءَ ۾ ائين پئجي رهيو ڄڻ ڪو ڳرو بار لاهي آجو ٿيو هو.

ڇوڪرا شور مچائيندا ڊوڙندا ٻاهر نڪري ويا. گهورڙيا شيون کنيو ويٺا هئا. ٻارن پٺي ورتيون. شفو حسرت وچان انهن کي ڏسي رهيو هو ۽ وري پنهنجي کيسي کي ٿي ڏٺائين.

"شفو کي شي ڪونه ڏيندا سين. پاڻ پيري اسان کي ته ڪڏهن به نه کارائي اٿئين."

”مان گهرِاڏو ڏو چا...؟“ شفو ڪاوڙجندي چيو.
”هل هل سچا... ڪڏهن ڪو پئسو آندو اٿئي، اڪ وجهيو بيٺو آهين. اڙي، لڪاءِ وجهي نہ پيٽ ۾ سور.“

رنڌارڪو ٿي شفو گهر ويو. ”امان مون کي تہ ڪڏهين بہ خرچي نٿي ڏئي-“ سوچيندو گهر آيو.
”امان پئسو ڏي شي وٺان“ ويجهو ٿي ماءُ کي گلي پوڻ لڳو.
”پري ٿيءُ... روز روز پئسو ڏي، پٽهين ڏچا رکي ويو آهي چا؟ اچي آنڪ ڪڻ، بزار مان وڃي داڻا وٺي اچ.“
”امان مونکي اسڪول دير ٿي ويندي، ماستر ماريندو.“
”وري ڏو موچڙن کي سڌ ڪرين ڪتي جا قر...“ ڪپڙن ڌوئڻ جي سوٽي کڻي جلهہ ڪري آيس.
شفو تہ ويچارو تکو ٿي ويو بزار.
”هاڻي اسڪول ۾ تہ دير ٿي ويندي. گهر ۾ امان ماري، اسڪول ۾ ماستر... پور پچائيندو بزار مان سودو وٺي آيو. پر اسڪول ڪونہ ويو. شام جو پٽس گهر آيو. وات ڪري جوڻس چيس ”اچ تنهنجو

سدورو اسڪول کان ويهي رهيو اٿئي. وري گهر جي ڪم جو چيومانس ته منهن سامهون جواب ٿو ڏئي..."

"اڙي ڇورا تو ماءُ کي جواب..." ۽ لڪڻ ٻت تي وهڻ لڳي. پروفيسر شفيق ٽڏو ساه کنيو سندس ڇهري تي درد جي ريکا ڦري وئي. ڄڻ ته سؤر کان ڪراهي رهيو هجي. سندس ٻاراڻي زندگي جنهن ۾ هن ماءُ جو پيار ته اصل نه ڏٺو. پيءُ سندس ماٽيجي ماءُ هٿ وس هو. جنهن ڪري ان وٽان به ڪيس مار موچڙي کان سواءِ ڪجهه به پلئه نه پيو. هو پيار جو بکيو هو. هو "ماءُ" لفظ لاءِ سڪندو هو. ننڍڙن ٻارن سان گڏ جڏهن جڏهن هنن جي گهر ويندو هو ۽ هو پنهنجين مائن جي گود ۾ ويهي انگل ڪندا هئا، تڏهن هن جي دل ۾ درد جي لاٽ پڙڪو ڏيئي اٿندي هئي. پڻس نئين شادي ڪئي ته هن پنهنجا سڀ ارمان ڪٽي پنهنجي نئين ماءُ کي "امان" پڪاري هن جي گود ۾ وهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر مٽ‍ رت ۾ هن سڪڻو هٿ به نه رکيس. اکين ۾ ڳوڙها تري آيس، انهن کي ٻي وڏي پلارو تي به ڪو ڏيکاري، هجيس ڪو پرچائڻ وارو...!

ڪرسي تان اٿي ڪتابن جي ڪٻٽ جي ويجهو آيو، ڄڻ ته ڪتاب جي سرورق تي پنهنجي تصوير

ڏسندو هجي. نوڪر اچي چيو ”سائين ڪاڏو ڏري بي سواد ٿي ويو.“ ”پٽ سون ڪي طلب نہ آهي. توُن غسلخاني ۾ پاڻي ڏاهہ. آءٌ سنان ڪريان.“

پروفيسر بشير اچي ڪنڌ ڪڍيو. ”سائين اجا تہ توهان تيار بہ نہ آهيو.“ ”چو اجا تہ ڪافي وقت پيو آهي. تون تہ سويل ئي تيار ٿي هليو آهين.“ شفيق واچ تي وقت ڏسندي وراڻيو.

”گهر ۾ ويهي ڪڪ اچي ٿيس، انڪري هليو آيس.“

”چڱو تون ويهہ تہ آءٌ غسل ڪري وٺان“ شفيق

ائين چئي نوڪر کي چانهہ تيار ڪرڻ جو چئي غسلخانہ ۾ گهڙي ويو. پروفيسر بشير اتي ڪبٽن ۾ پيل ڪتابن کي واچڻ لڳو. جنهن ۾ گهڻي تعداد ۾ نفسيات ۽ فلسفہ جا ڪتاب هئا. پٽين تي ڏنگيل تصويرون ڏسڻ لڳو. تصويرن ۾ هن کي اداسي پاسڻ ۾ آئي. ڪنهن تصوير ۾ ڪنهن جي انتظار ۾ عورت جون اداس اکڙيون ڏسڻ ۾ اچي رهيون هيون. پري شفق جي لالاڻ ڦهلائي ٻڏندڙ سورج جو نظارو، ٻات اونداهيءَ ۾ پيچري تان ويندڙ راهگير. ۽ ٻيون بہ ڪيتريون اهڙيون تصويرون جي فقط پاڇولن ۾ اڪريل هيون. ۽ ٻيا هئا شاہ جا بيت. ”اکين ۾ آءٌ توُن، توکي واري ڍڪيان

توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آءٌ نہ ڏسان ڪنهنکي.“

"اڄ پڻ اڪثرين سڄڻ پنهنجا سارين،
ڳلن تان ڳوڙهن جون ٻوندون بس نہ ڪن،
سنڌي سڪ پرين لوڪ ڏٺي نہ لهي."

"اڄ پڻ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين،
هو جي جيءَ کي جيارين سي لاهوتي
لڏي ويا."

۽ پيا بہ اهڙائي شاھ جا بيت جي شفيق جو افسانہ ٻڌائي رهيا هئا. هن ڏٺو تہ ڇت ديوارون ڳالهائي رهيون هيون. "اسين هن جون رازدار آهيون. اسانجي اندر ۾ هن جا سڏڪا لڪل آهن. اسين ئي سندس محبوب زندگي آهيون. هو هر وقت اسان کي ڏسيو پيو ٿڌا شوڪارا ڀريندو آهي. ڇاڪاڻ تہ کيس اسان تي پورو پورو ڀروسو آهي. هن جو انسانن ۾ ڪوبہ اعتبار نہ آهي. ڀلا ڪنهن هن سان وفا ڪئي بہ آهي ڇا—؟"
هو ويٺو شفيق جي خشڪ زندگيءَ تي سوچڻ لڳو جنهن ۾ رڳو اداسي جو روڳ ڀريل هو. شفيق ڏوال سان وارن مان پاڻي اگهندو ڪپڙن بدلائڻ واري ڪمري ۾ گهڙي ويو. نوڪر بہ چانهہ آڻي تپائي تي رکي. هن چانهہ پيالن ۾ وڌي تيستر هو تيار ٿي آيو.

"تنهنجي چاهت کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. ڪهڙيون نه بهترين تصويرون آهن ۽ ڪهڙا نه سٺا وٺندڙ شاه جا بيت" پروفيسر بشير چيو.

شفيق ٽيئي طرف نهاري فقط ٺڏو ساه کنيو. ڇانهه بيءِ جڏهن ٻئي ڪاليج روانا ٿيا تڏهن شفيق پڇيو.

"ڇوڪري جو نالو ڇا آهي؟"

"نسيم" بشير جواب ڏنو.

"ڪنهن جي ڌيءَ آهي؟"

"ايترو مونکي به ياد نه آهي. پهرين سال ۾ ته داخل ورتي اٿس." بشير وراڻيو.

۽ وکون کڻندا اچي ڪاليج پهتا ٿيا، جتي ٻيا پروفيسر اڳ اچي ڪٺا ٿيا هئا. پوءِ سڀ ڪار ۾ چڙهي روانا ٿيا.

## ( ٣ )

"هيءَ آهي اسان جو محترم پرنسپال ڊاڪٽر رضوي ۽ سنڌس عملو، پروفيسر بشير، مسٽر رضا، عابد صاحب ۽ مسٽر شفيق جنهن جو مون توهان سان هيئنر ذڪر ڪيو پئي. ۽ هيءَ آهي منهنجو ڊيڊي" تعارف ڪرائيندي نسيم چيو.

"مان آهيان اشفاق بيگ. توهان سڀني سان ملي ڏاڍي سرهائي ٿي. نوازش جو شڪريو" اشفاق بيگ سڀني سان هٿ ملائيندي چيو.

”اشفاق بيگ“ شفيق پڙڪيو. ۽ دماغ کي زور ڏيئي ڪجھ ياد ڪرڻ لڳو.

”اڇو، هلو. فقط توهان جو انتظار هو.“ اشفاق بيگ چيو. ۽ سڀ اچي باغيچي جي پٺاريل سائي گاهه واري ٻاريءَ ۾ پيل ڪرسين تي ويٺا. گهوٽ جو ٿهيو ٺڪيو ويٺو هو سو به اچي استادن کي مليو. جن ڪيس هن خوشيءَ جي موقعي تي مبارڪون ڏنيون.

”شاديءَ جي نظريي کي نهايت باريڪ بينيءَ سان ڏسڻ ۽ سمجھڻ گهرجي. ٻه ساٿي ٻه دوست جن کي هن زندگيءَ جو شاهي پيچرو لتاڙڻو آهي، ان ڪري ساٿيءَ جي چونڊ البت دل وٽان هئڻ گهرجي. اشفاق بيگ صاحب، منهنجي خيال ۾ توهان ڇوڪري کي سندس مرضيءَ مطابق...“ پرنسپال رضويءَ اڃا جملو پورو ڪيو ئي ڪون ته اشفاق بيگ وراڻيو.

”سائين آءٌ موجوده سپيتا جو قائل آهيان، جهونين رسمن کان آءٌ پري ڀڄندڙ آهيان. سون کي ان ڳالهه جو تجربو پڻ آهي، ان ڪري آءٌ پنهنجي اولاد کي پڻ با اختيار ڇڏيو آهي. ظهير پنهنجي پسند تي شادي ڪري رهيو آهي.“ ظهير ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو.

پروفيسر بشير کي اچي ڇورا ڪورا لڳي ته اهو تجربو جو اشفاق بيگ کي ٿيو آهي اهو ٻڌان. هن

جي طبيعت ئي ڪجهه اهڙي هئي، هو چاهيندو هو ته هنن بزرگن کان سندس زندگين جي لاهين چاڙهين ۾ جيڪي واقعا رونما ٿيا هجن، سي ٻڌجن. انهن ۾ هن کي ڏاڍو لطف ايندو هو. نيٺ رهيو نه، ٿيس چيائين.

”مسٽر اشفاق بيگ، جيڪڏهن معاف ڪيو ته عرض ڪريان، مهرباني ڪري پنهنجو تجربو جنهنجو ذڪر ڪيو...“

”اي سائين ڇڏيو ڪري ان ڳالهه کي...“

پاسي ۾ ويٺل ڳيرو ڇوڪرن يڪدم چيو ”سائين مهرباني ڪري ٻڌايو.“

”پٽ ڏيهان جو ڏوهه نه آهي. مان به جڏهن ڏيهان جي عمر جو هوس ته ائين پوڙهن جون ٿيل حماقتون شوق سان ٻڌندو هوس“ سيني ۾ ٿهڪڙو سچي ويو.

”حماقت نه مشاهدو چئو.“ پروفيسر بشير چيو ۽ ڪرسي ريڙهي ويجهو ٿي ويٺو. سڀ ڪن اوپڙا ڪري ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ويٺا.

ڳالهه ڪا خاص ڪانه آهي. اها توهان کي خبر آهي ته اسين جهونين رسمن ۾ اهڙا جڪڙيل آهيون جو مذهب جي به ايتري پابندي ۾ نٿا رهون جيترو

انهن رسمن ۾ جوانيءَ ۾ مان ان خيال جو هوس ته
پنهن جي مرضيءَ موجب شادي ڪندس، ۽ مون اها
پنهن جي مرضي به ڳولي هٿ ڪئي هئي. والد صاحب
مرحوم ڪجهه انهن پابندين ۾ جڪڙيل هو ۽ ويل
ته وري اهو هو جو ننڍي هوندي منهنجو مڱڻو چاچي
جي ڌيءَ سان ٿيل هو، جا مون کان عمر ۾ ڪجهه
وڏي هئي، ۽ مان مجبور هوس. پر ان شاديءَ
نه فقط منهنجو سک لٽيو، پر ٻيو به هڪڙو گهر تباه
ٿي ويو.“ اشفاق بيگ ٿڌو ساه کنيو، سندس اکين
۾ پاڻي ڀرجي آيو. ڪنهن کي به همت نه ٿي ته،
ڪانئس وڌيڪ پڇي. نوجوان ڇوڪرن جي چهرن تي
ملولائي ڦهلجي ويئي ۽ پوڙهن پنهنجا ڪنڌ ڪٽي هيٺ
ڪيا ڇو ته پاڻ ڏوهاري هئا، ۽ اها تباهي سندن ئي
هٿان ٿي هئي. پروفيسر شفيق الائي ڇا سوچي رهيو
هو. اتي مولوي صاحب اچي ويو. نڪاح پڙهڻ کان
پوءِ ميڙاڪو ڇڇ جي صورت ۾ ڪنواريتن جي گهر
آيو. جتي گهوٽ کي ڇڏي، سڀ مهمان ڪاڏو ڪاڻي
واپس گهرن ڏي وريا. پرنسيپال صاحب عملي سميت
اشفاق بيگ کان موڪلايو. ٻاهر نڪتا ته نسيم منهن
۾ مليس.

”سائين آءٌ توهان جي ڏاڍي ڏيرائتي آهيان، جو غريبن جي...“

اڇا هن جملو پورو ئي نہ ڪيو تہ پروفيسر بنا ڪير بوڪ ڏنو. ”بابا ڏورو مڃ شفيق صاحب جو. اسان تہ هون ئي آياسين ٿي.“

هن فقط اکڙيون کڻي شفيق ڏانهن نهاريو.

”نہ...نہ...ڪا خاص ڳالهہ...ڪو خاص ٿورو نہ آهي...“ پروفيسر شفيق هٻڪندي چيو. هو ائين پئي لڳو، ڄڻ ڪو سندس بيعزتي ڪري رهيو هجي. نسيم، کي سندس اهو انداز ڏاڍو وڻيو پئي، هوءَ کيس قرب مان ڏسي رهي هئي. جڏهن شفيق هن ڏانهن نهاريو تہ هن سندس اکين ۽ چهري تي اداسي ۽ التجا ڳاڙهو ريکائون ڏٺيون. دنيا کان بيخبر ٿيو شفيق بہ انهن ڪٽورين کي ڏسي رهيو هو. پر جلد ئي کيس آس پاس جي بوجهہ پئي. هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڪند کڻي هيٺ ڪيائين.

”چڱو ڪڪي هاڻي هلون ٿا، خدا توکي خوش رکندو“ پرنسپال چيو. ۽ سڀ ماڳہ ڏانهن موٽيا.

(٣)

رات جو شفيق جي ننڊ پر ڪري آڏامي ويئي. هونئن بہ تہ هن کي ڪو آرام ڪونہ هو.

”اُءَ ڪندي ممي سيڻ، راتيون جاڳن جي.“

اوجاڳو ته ڏاج ۾ مليو هوس، پر اڄ هڪ نئين پريشاني ۽ مونجهه ڀڃي پانيائين. دل ۾ مٺو مٺو درد سوت ڏئي ٿي اپريس، اشفاق بيگ جو چهرو ڦري ٿي آيس ۽ انجا لفظ ڪنن ۾ وڄي رهيا هئس، ته وري ۾ ڪاريون اکڙيون آڏو ٿي آيس. ”توکي ته مون اکين ۾ ويهاري ڀنبٽيون پوري ڇڏيون آهن.“ نسيم جون ڪنورين جهڙيون اکڙيون آڏو اچي ويس.

سوچيندو رهيو ۽ ڏيٽيندو رهيو، ڪارين اکين کي ۽ نسيم جي ڪنورين کي ۽ پوءِ ٻنهي چهرن کي. ڪارين اکين واري ڇوڪريءَ جو چهرو ۽ نسيم جو، ڌنڌلو پوءِ ظاهر. آخر ۾ نسيم جو چهرو ۽ ان جو چهرو هڪ جهڙو ٿي ڏسڻ ۾ آيس ۽ پوءِ نسيم جا مد پڙيا نيڻ.

”منهنجو آرام ڇو کسيءِ نسيم!“ هن ايڏي آواز ۾ پڙڪيو جو جيڪڏهن ٻيو ڪو ويٺل هجي ها ته چٽو ٻڌي سگهي ها. پاسو ورائي سمهڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ننڊ چوي ”تون نسيم سان بي انصافي ڪري رهيو آهين، هوءَ تو وٽ هلي آئي آهي ته تون مون کي سڏي رهيو آهين! نه نه تون هن سان روح رهاڻ ته ڪر.“

نسيم پنهنجي گهر، بستري تي پاسا بدلائي رهي هئي ڪيس هر هر شفيق جو معصوم چهرو ڦري تي آيو. هن جي پوڙهي پيشاني تي پيل گهنج هن کي پنهنجي آتم ڪٿا ٻڌائي رهيا هئا. اُداس اداس اکڙيون هن جي اڳيان ڦري رهيون هيون. "تون اداس ڇو ٿو گذارين؟" اهو سوال هن جي دل مان ائين نڪري ويو ڄڻ هوءَ پاڻ کان پڇندي هجي. ان جي جواب ۾ فقط شفيق جو دک ۽ نراسائي ڳاڙهو چهرو اڳيان ڦري آيس. سوچيندي سوچيندي ننڊ ڪٺي ويس.

( ۵ )

صبح جو جڏهن سج جا ڪرڻا هن جي ڪمري ۾ گهڙي آيا، تڏهن ڪر موڙي اٿي کڙي ٿي. ست وڄي چڪا هئا. جلد ئي تيار ٿي، نيرن جا ٻه ٽي گره هڻي، ڪتاب ڪڇ ڪالیج روانی ٿي. بس ۾ ٽڪ وچان اچا تاڙون پئي اپيريس، تنهن هوندي به هو ڪاليج وڃي رهي هئي. وقت کان اڌ ڪلاڪ اڳ ڪاليج پهتي. اڪيون گڏيلا ڪرڻ لڳيون، هوءَ پنهنجي ئي ڌن ۾ وڃي رهي هئي ته فرخنده رستي ۾ مليس.

"ڪنهن کي ٿي ڳولين، پر اڄ تون سويل ئي ڪيئن اچي نڪتينءَ هونءَ ته..." نسيم جي اهڙي

حالت ۾ هئي، جڻ چوري ڪندي پڪڙي هجي. ”شميءَ کي ٿي ڳولهيم. ڪالهه ساڍي ائين بجي ملڻ جو چيو هو مانس... ڪٿي ڏٺي، ته ڪانه؟“

چوڻ کي ته چئي ويئي، پر اندر ان ڪوڙ ڳالهائڻ تي ملامت ڪري رهيو هوس. ڊپ هوس ته متان ڪو پيو پڇي وجهي. پر هاڻي ته هتان ئي ڪوڙ ڳالهائي اچي ڦاٿي هئي ته متان شمي ڪان ڪٿي پڇي! ته ڦاسي پوندس. ذرڙو تي پگهر اچي ويس. منهن اڳهٽو جو هٿ ۾ هوس، تنهن سان ڪٿي اگهيائين.

”ڇو تنهنجي طبيعت ٺيڪ نه آهي ڪيئن؟ اکيون ته ڳاڙهيون ۽ سڄي پيئون اٿئي!“

”نه... نه... ٺيڪ آهيان، البت ڪالهوڪي ٿڪ ڪري ۽ رات جو پوري ننڊ نه ڪرڻ ڪري، ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي.“

”نيڻ نه ننڊون ڪن، پيڳو آرس اکين،
اجهاميو ٻرن، توکي سارئو سپرين.“

”ڪنهن جي سار هئي، منهنجي سيمي!“ فرخنده کيس ڪتڪتائي ڪندي کلندي چيو.

”ڇڏ هاڻي مسخري...“ پاڻ ڇڙائيندي چيائين ۽ ڏهڪن جي گُونج پوئتي ڇڏيندي وڃڻ لڳي، پئي اچي ڪلاس

۾ وينيون. پروفيسر بشير اچي ڪلاس ورتو. ٿوري دير کان پوءِ پٽيوالو هڪ پترو کڻي آئي هٿ ۾ ڏنس.

”پروفيسر شفيق ڪجهه ناچاڪائيءَ سبب اڄ ڪلاس نه وٺندو.“

وينلن ۾ چڻ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. پر نسيم جي دل ۾ اڻ ڏٺو هڪ تي اوسيڙي جي ريکا هئي. انهن پاون سان جي اکڙيون مٿي کنيائين ته پروفيسر بشير جون نظرون به اچي هن تي کتيون هيون. ان ٻالڪ وانگر جو ماءُ جي اک بچائي، شي چورائڻ ۾ سوڀارو ٿيو هجي، پر پڇندي پڪڙجي پيو هجي، سهمجي ويئي، وري همت ئي نه ٿيس جو وري ڪنڌ مٿي کڻي نهاري. هو سيني آڏو پاڻ کي وڏو ڏوهاري ڀانئي رهي هئي. ”ڪهڙي نه نادان آهيان. ڪهڙن خيالن کي کڻي جيءَ ۾ جاءِ ڏني اٿم. منهنجو ڇا شفيق سان؟“ دل ئي دل ۾ پاڻ کي ڏي ڏئي ويٺي.

ڪاليج کان گهر موٽندي، دل پئي چيس، ”هلي جيڪر طبيعت جو پڇانس. پر جلدي اهڙو گهرو ٿي وڃڻ، هو ڇا سمجهندو؟“ اهو خيال ڪري ڪئي مات ڪيائين. پر اندر وارو ڪٿي ٿو مات ڪريس. خيال ڪرڻ لڳي ته پيلا آخر مون کي رکي هن جو خيال

چو ٽو اچي. نٽائيندي روح کي پرڀائيندي گهر پهتي. ڀاءُ ڏوراپو ڏيئي چيس ته ”ادي اڄ ڪاليج کٽي نه وڃين ها، پنهنجي ڀاڄائيءَ سان ويهي رهاڻ ڪرين ها.“

منجهي پيئي ته جواب ڇا ڏجي، ڀاءُ جي آڏو ته ڪانياري ٿي پيئي. ”ادا ڪجهه ضروري ڪم هئم، خيال هئم ته جلدي واپس ورندس. پر سهيلين نه ڇڏيو. ڀاڀي اميد ته دل ۾ نه ڪندي.“ ائين چئي وڃي ڀاڄائيس جي ڀر ۾ ويٺي، جا ڀهرين ته شرمائي، پر پوءِ پاڻ ۾ ائين ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳيون ڄڻ ته ورهين کان واقف هيون.

## (٦)

شام جو ڪمري ۾ ويٺي ڪتاب پڙهي رهي هئي ته ڀاڻس اچي چيس، ”ادي تو کي سڄو ڏينهن ڪتاب آهن، اٿ ته گهمڻ هلون. ڀاڄاءِ تيار ٿي ويٺي آهي تون جلد تيار ٿي وٺ. آءٌ تيستر گاڏي ٻاهر ڪڍي وٺان.“ ظهير ائين چئي تکو تکو ويو گاڏي ڪڍڻ. نسيم اٿي ڪپڙا بدلائي ٻاهر نڪتي، ۽ ٻئي ڄڻيون اچي ڪار ۾ ويٺيون. باغيچي ۾ گهمندي نسيم جي نظر وڃي پروفيسر شفيق تي پيئي، جو سائي ڇٻر تي چهل قدمي ڪري رهيو هو. هٿ ۾ لٺ هوس، جنهن

ڪي هٿ ۾ گهمائي رهيو هو، ڇهري تي سوچ ڇانيل هئس. دل ۾ ڏاڍي خوش ٿي.

”ادا، پريان پروفيسر شفيق بيٺو آهي. اڄ ڪاليج ڪونہ آيو هو، شايد طبيعت ٺيڪ نہ هئس. توهان اتي ويهو آءٌ ڪانئس طبيعت جو پڇي اچان ٿي.“ وڪوڻ ڪٽيندي اجي اتي پهتي. قرب مان اکڙيون سڌيون ڪري نهاريائين. شفيق ڪان ڇڻ ڇرڪ نڪري ويو.

”نسيم... ! تون هتي...“ اکڙين ۾ موٽ ڏني.

”توهان جي صحت تہ...“

”ها... بلڪل ٺيڪ آهيان، البت رات جي اوجاڳي ڪري مغز ۾ درد هئم، انڪري ڪاليج نہ اچي سگهيس. تون تہ خوش آهين...؟“

”مون سان ڀلا تہ ساڳي ويڌن هئي، پر مان ڪاليج آئي هئس. ڪنهن جي...“ لفظ زبان تي اچي موٽي ويا. دل تہ چيس پڇي تہ ڇئي ڏين ها.

”توهان ايترو اداس ڇو ٿا گذاريو؟“ سوال ۾ پنهنجائي هئي. شفيق حيران ٿي ويو. هن ڪان اڄ تائين ڪنهن بہ اهو سوال نہ ڪيو هو. اکڙين ۾ گهوري ڏٺائينس، پرديءَ جو ساگر ڇوليون ماري رهيو هو.

”منهنجي ڏکن کي ٻڌي تون ڇا ڪندينءَ؟“ شفيق ڇئي ڏنو.

"علاج ڪندس..." ڪلندي نسيم وراڻيو.

انهن لفظن شفيق جي دل ورتي. هن محسوس ڪيو ته ڪو هن کي چاهڻ وارو آهي، جنهن کي هن جي دکن دردن جو خيال آهي.

"نسيم، تون ڪڏهن ڪڏهن ٿي آهين." نسيم، جي هٿن کي پڪڙيائين. اکڙين جن اڳ ۾ ئي پيغام پهچايو هو، هڪ دفعو ٻيو ٿي ڪڍيو، هيٺ ٿي ويئون.

"نسيم." ظهير سڏ ڪيو.

"ادا اچيا آيس. چڱو آءُ موڪلايان ٿي، ادا جن انتظار ڪري رهيا آهن. توهان به هلو ٿا نه؟ هلو ته گڏجي هلون." ٻئي گڏجي اتي پهتا. ڏيٺ ته اڳ ۾ ئي ڏيل هئن.

"ظهير مبارڪون هجنئي" شفيق ساڻس هٿ ملائيندي چيو.

پروين شرمائجي وئي. ڪار ۾ چڙهي روانا ٿيا. جڏهن شفيق جو گهر نزديڪ آيو ته چيائين "ظهير، گاڏي روڪ ته آءُ لهي گهر وڃان."

"نه... نه سائين چانهه ته پيئندا وڃو." هڪ ئي وقت ٻه آواز ٿيا. شفيق پنيان ويٺل نسيم ڏانهن نهاريو، جنهن جون اکڙيون التجا ڪري رهيون هيون.

گهر پهتا، اشفاق بيگ ڏاڍي خوشي وچان ٻاڪر پائي مليس. ”لک احسان، غريبن تي مهر جي نظر ڪئي اٿو.“

”ڪا خاص ڳالهه نه آهي، باغيچي ۾ توهان جي ڇوڪري مليم ۽ صلاحي وٺي آئي...“

”نسيم ڏاڍي سمجهدار ڇوڪري آهي، اسين وڏا ڀاڳوان آهيون، جو توهان...“

”بابا چانهه آندي اٿم“

”امان، ڀرين مهمان کي آڇ ڪبي آهي.“

”اجائي تڪليف ڪيو.“

نسيم، فقط ڏانهس نهاريو.

”نسيم کي ڪيئن ٿا سمجهو؟“ اشفاق بيگ پليٽ مان بسڪوٽ کڻندي چيو.

شفيق کان ڇرڪ نڪري ويو.

”ظمير کان هوشيار آهي، پر ڪجهه حساس طبع آهي“ اشفاق بيگ چيو.

”ها... دماغ جي تمام سٺي آهي، پر احساس ڪمتري جو اٿس ان سندس سڀني خوبين تي پاڻي وجهي ڇڏيو آهي. ٻار جنهن کي ننڍي هوندي ماءُ پيءُ جو پيار نٿو ملي. اهو وڏي هوندي احساس ڪمتريءَ جو شديد

مريض ٿي ٿو وڃي. پاڻ تي ڀاڙڻ ته هن وٽ هوندو ئي ڪونه. زندگي جي هن پيچيده پيچرن تي، هو پاڻ کي اڪيلو ٿو محسوس ڪري، ۽ پوءِ هنجي حياتي پريشانين ۽ مصيبتن جو بوتو بنجيو پوي، ۽ اها ڳالهه انهن مائٽن جي سخت ڀل آهي، جي پنهنجي اولاد کي هڪ فرمانبردار نوڪر وانگر سمجهن ٿا، جا انهن جي زندگي مان اسرت ڪڍي زهر ڀريو ڇڏي. مائٽ کي پنهنجي اولاد لاءِ هڪ پيار ڏيندڙ دوست جي حيثيت ۾ هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته انسان فطرتا پيار جو بکيو آهي"

اشفاق بيگ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏٺو. هن ڪڏهن به ٻارن تي شفقت ڀريو هٿ نه رکيو هو. ان جو سبب فقط اهو هو جو هو پنهنجي زال عائشه کي اصل ڪونه ڀانئيندو هو. هوءَ نيڪ عورت هئي، صبر ۾ پنهنجو وقت گذاري هلي ويئي، پر پنهنجي اولاد کي ڏکن ڏوهن ۾ ڇڏي ويئي.

عائشه جي مرڻ کان پوءِ اشفاق ٻي شادي ڪئي، جنهن ڪري ٻار پيا گهٽين ۾ آسڙڪندا هئا. پر اڄ جڏهن اها ٻي زال به هن دنيا ۾ نه هئي، تڏهين سو ٻارن تي هٿ رکيو هئائين، پر اهو گهسنڊ نه ويس.

شفيق جڏهن ڳالهائڻ بند ڪيو، تڏهن چرڪ ماري اٿيو، پاڻ کي شفيق آڏو وڏو ڏوهاري سمجهڻ لڳو.

شفيق سمجهيو ته اشفاق بيگ کي اها ڳالهه ناگوار گذري تڏهين اٿي کڙو ٿيو.

”معاف ڪجو توهان جو ڪافي وقت زيان ڪيم، هاڻي موڪلايان ٿو.“

”سائين ڪجهه وقت ته ويهو...!“

”نه، هلان ٿو، ڪافي وقت ٿي چڪو آهي، وري ڪنهن ٻئي دفعي...“

”پر ظهير، گاڏي کڻ شفيق صاحب کي ته ڇڏي اچ...“

”نه...نه...: اهڙي تڪليف نه ڪيو، آءٌ هليو ٿو وڃان، گهر ويجهو اٿم.“

”ان ۾ ڪهڙي تڪليف آهي سائين.“ اشفاق بيگ چيو. ۽ سڀ باغيچو لتاڙي در وٽ آيا.

ظهير ڪار ڪڍي ٻاهر ڪئي. شفيق سڀني کان موڪلايو.

”وري به پيا اهڙي عنايت ڪجو...“ اشفاق بيگ چيو.

”يار زنده صحبت باقي...“ شفيق وراڻيو ۽ اکڙيون کڻي سڀني سان گڏ نسيم، ڏي نهاريائين، ۽ در کولي وڃي ڪار ۾ ويٺو، ۽ ڪار ڪنهن جا ارمان کڻي هلي ويئي.

”ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي...“ اشفاق بيگ چيو.
”هون...“ نسيم سوچ ۾ هئي.
”ائين پيو پاڻ کي چئين هن کڏهن سک ڏٺو ئي نه آهي.“
”ڪنهن اهڙي گهري صدمي هن جي حياتي ڊانوانڊول ڪري ڇڏي آهي.“ نسيم چيو.
”هت اڪيلو ٿو رهي...؟“
”جي، ـــ ٻيو ڪير آهي سندس.“ ائين چيائين ڄڻ هوءَ سندس دردن کان واقف هئي. دل ۾ ڏک ۽ خوشيءَ جا گڏيل جذبا اٿي رهيا هئس.
”آءُ ڪندي سي سيڻ، راتيون جاڳن جي“
اوچتو سندس چپن تي اچي ويو.

## (٧)

ٻئي ڏينهن ڪاليج ۾ جڏهن شفيق سان ملي، ڏٺائين ته مرڪ، ان ٿڪل مسافر وانگر جو ڪنهن ڏورانهين سفر تان ڪهي اچي منزل پهتو ٿيو هجي پر ڪيس اها پڪ نه هجي ته جنهن ماڳ تي پهتو آهي سو سندس خيالن جو حقيقي مقصد آهي، هن جي چهري تي کيڏي رهي هئي.

”نسيم، خوش تہ آهين نہ...؟“
”ذ...“
”ڇو...!“ شفيق گهبرائجي ويو.
”ڪجهہ ڪجهہ، هتي دل وٽ درد جون ٽانُون ٽيون اپرن، انڪري...“ نسيم کلي ڏنو.
سندس انهيءَ کلڻ ۾ محبت هئي، حقيقت هئي.
شفيق سندس نيڻن ۾ نهاري رهيو هو، ڄڻ ڪنهن کي ڳولي رهيو هجي. اچانڪ سندس چپ، نسيم جي هٿن کي ڇهي ويئا. ڇرڪ پري، هيسيل ٻار وانگر ڏانهس نهارڻ لڳو، ڄڻ ڪيل خطا لاءِ معافي وٺي رهيو هجي.
پر نسيم کي تہ مزو اچي رهيو هو.
”آندا پرين الله، سڌ منهنجا ساب پيا.“
سندس دل چيو.
هوءَ خوش هئي، پيار جي موٽ ۾ پيار جو ملي رهيو هوس. هوءَ هئي بہ تہ ان پيار جي بکايل.
اتي شميءَ اچي منهن ڪڍيو.
”سائين سلام ٿئي...“
”وعليڪم السلام. خوش آهين نہ ڪڪي؟“ شفيق مزاج پرسي ڪندي پڇيو.
”اون...هون... طبيعت ڪجهہ ناساز اٿم“ شمي ڪنجهندي وراڻيو، ڄڻ تہ بيمار هجي.

”ڇوڪرين جي مڙيئي اڄ ڪلهه طبيعت ٺيڪ نٿي رهي“ شفيق ٽوڪ هنئي.

”ڇڱو ڀائي آءٌ هلان ٿو، ڪلاس وٺڻو اٿم“ وڏيون وڏيون ڀرانگهون ڀريندو شفيق هليو ويو.

”دل جي بيماري هوندءِ...؟“

”توکي ته طبيب ملي ويو نه...!“ شميءَ ٺهه ڦهه جواب ڏنس.

نسيم اوڏانهن نهاريو جيڏانهن شفيق ويو هو.

”مان به چوان ته اڄ ڪلهه خوش نظر پيو اچي.“

”ڪير —؟“ نسيم بيساخته پڇيو.

”تنهنجو طبيب، ٻيو وري ڪير! ڪنهن ته کهڙي گولي هڻي ڳالهائڻ لاءِ، جنهن ڪير ڏسي به نه سگهي، پر مان به نوس ٽوس ڪندي اچي لڏو ماڻو.“

نسيم چپ ٿي ويئي.

”هاڻي ات ته هلون سڀ سهيليون تنهنجو انتظار ڪري رهيون آهن.“ شميءَ کيس ٻانهن کان وٺي هلڻ لڳي. هن اکين، اکين ۾ ڇني ڏنس، ”متان ڪنهن کي ٻڌائين.“ شميءَ اکين ۾ ئي جواب ڏنس، ”دل جاءِ ڪر، تنهنجي نيڻهن جي موڻ وٽان ٻاڦ به نه نڪرندي.“

”نسيم، تنهنجو انتظار ڪري ڪري اکين ۾ ٿي لڙون پئجي ويئون آهن، پر—“ فرخنده جملو پورو ڪيو ٿي ڪونه ته شمي چيو.

”جو مزه انتظار ميں هے- وه وصل يار ميں نهيں“ ۽ ٽهڪڙو مچي ويو. پر جلدي سڀني جون نظرون رضيه تي اچي ڪتيون، جڻ ڪانئس ان شعر جو مطلب پڇي رهيون هجن. چاڪاڻ ته هوءَ افسانه نگار هئي. رضيه جو اهو ڏنو، شرمائجڻ سان گڏ گهبرائجي ويئي. سندس انهي گهٻراهٽ وري هڪ دفعو ٽهڪڙن کي وجود ۾ آندو.

”آرڊر... آرڊر...“ شمي ميز تي ڌڪ هڻي چيو شور ٿمجي ويو.

”هاڻي اجلاس جي ڪارروائي شروع ٿئي ٿي. انڪري سڀني ميمبرن کي عرض آهي ته شڪر بجٽ ٻل کي فيصل ڪيو وڃي“ شمي ڪڙاڪيدار آواز ۾ چيو پر ڪل کي ضبط ڪري نه سگهي ۽ وري ٽهڪڙو مچي ويو.

”بابا هاڻي صبر ڪيو ته...“

” آخر ڳالهه ڇا آهي.“ نسيم، پڇيو.

” ڳالهه هيءَ آهي ته هن ذتال ۾، جو سومر کان شروع ٿيڻو آهي. ڪو پروگرام ناهي.“ شميءَ چيو.

”۽ شيرين پنهنجي ڳوٺ هلڻ لاءِ نيئيل ڏيئي رهي آهي.“ فرخنده چيو.

”شيري، تنهنجي ڳوٺ ۾ سهڻا نظارا آهن.“ رضيه، معصوميت سان پڇيو.

”ها...ها، تون هلي ڇڏ ڇڻجانءِ...“ شمي وراڻيو.

”بابا آءُ ته هن موڪل ۾ ٻاهر اصل نڪري نه سگهندس.“ نسيم چيو.

”ڇو...؟“

”بابا موڪل نه ڏيندو ۽ ادا پڻ ڪاوڙجي پوندو جيڪڏهن...“

”ائين نٿي چوين ته هنکي ڪيئن ڇڏي سگهندس.“

”اسين به ته ”هن“ کي ڀڄون، ڪهڙو آهي آهو خوش نصيب، نسيم جي هننن پيارين پيارين اکڙين جو مرڪز...!“ فرخنده چيو.

”تنهنجو منگيندو شاهد...“ نسيم خارن مان وراڻيو.

”پياچيڙو تمام خراب آهي.“ فرخنده ڊرامائي انداز ۾ چيو. پر ان جملي تي سڀني کلي ڏنو.

”چڱو ڇا ٿي ڀلا ٻاهر هلڻ جي پروگرام کي ملتوي ڪريون. پر هتي جون ڪي سرگرميون...“ شمع سڀني ڏي منهن ڪري پڇيو.

”اڄ توهانجي ڪنهن به پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ نٿي چاهيان.“ نسيم چيو ۽ ڪاوڙ مان اٿي هلي ويئي.

سڀ ماٺ ڪري ويهي رهيون.

”اها تنهنجي زيادتي هئي.“ رضيه چيو.

”توکي ائين ڪرڻ سهائيندو نه هو، خوامخواه هنکي ستايو.“ سپني گڏجي چيو.

”بابا معاف ڪريو، آئينده ائين نه ٿيندو“ شميءَ عاجزي سان چيو.

”هاڻي ڪيس پرچائڻ جو ڪم توتي آهي.“

”هوءَ جلد پرچي ويندي. توهان هنجو ڪوبه خيال نه ڪيو.“ شمي وراڻيو ۽ سڀ اٿي پنهنجن پنهنجن ڪلاسن ڏي هليون ويئون.

ڪاليج کان موٽندي، نسيم رستي ۾ شفيق کي ڏٺو، جو اڪيلو وڃي رهيو هو. ڪار بيهاري، کيس ساڻ هلڻ لاءِ صلاح ڪيائين. پهريائين شفيق گهٽوئي نٽايو پر پوءِ نيٺ مڃيائين. گهر پهچي شفيق کيس چانهه جي صلاح ڪئي. پر ڇاڪاڻ ته ڪافي جو وقت هو انڪري هوءَ معافي وٺي ويئي هلي.

(۹)

شام جو بنا ارادي گھمڻ نڪتي، ته خيال آيس ته شفيق ڏي وڃان، ته رستي ۾ من گھريو شفيق ملي ويس.

"آءُ پاڻ تو هان ڏي اچي رهي هئس."

"۽ آءُ پڻ..."

"تو جنين جي تات، تن پڻ تات تنهنجي."

شفيق چيو.

هن فقط اکڙيون کڻي نهاريس، ڄڻ ان ڳالهه جي تصديق ڪري رهي هئي.

"ڀلا ڪيڏانهن گھمڻ هلجي؟" شفيق پڇيو.

"توهان جي گھر، مونکي توهان جي گھر ڏسڻ جو گھڻو شوق آهي."

"مون غريب جي جهوپڙي ڏسي ڇا ڪندين، نسيم!"

"خاص ڪري تو هان جي پڙهڻ وارو ڪمرو، پڙو اٿم ته ڏسڻ وٽان آهي."

شفيق سوچ ۾ پڙي ويو. هن پاڻ کي پاڳيوان پٺي تصور ڪيو. اڄ هن جي خشڪ زندگيءَ ۾ روح هو، خوشي پورجي رهي هئي. قدم کڻندا اچي گھر پيڙا ٿيا.

”ھي اٿئي، غريب جو خس خانو.“ شفيق گھر ۾ قدم رکندي چيو.

نسيم سنڌس پڙھڻ واري ڪمري ۾ گھڙي ڏٺي، جنھن لاءِ ھن کي ڏسڻ جو شوق ھو، اھائي سانت ڇانيل ھئي، جا ھن جي زندگيءَ جي موڙي ھئي.

”دور افق ۾ سج ٻڏي رھيو ھو—“ تصوير ڏسي ھن سوچيو.

”ڇا ھن جي زندگيءَ ۾ ڪڏھن صبح نہ ايندو؟“

”نہ، نہ آءٌ ان تصوير کي بدلائي ڇڏيندس.“

پري ڏرتيءَ جو سينو چيري نڪرندڙ سورج، چمڪندڙ سورج، اميدن وانگر روشن سورج. ”نہ ھن جي زندگيءَ کي آءٌ سنواريندس.“ ھوءَ سوچيندي رھي.

شفيق فقط سنڌس چھرو تڪي رھيو ھو. ھو ڪيس پانپي ويو ھو.

”نسيم ڇا سوچي رھي آھين...؟“

”تو ھان اداسيءَ کي ايترو ڇو ٿا پسند ڪريو...!“

”ڇاڪاڻ تہ ھوءَ منھنجي آھي.“

”فلسفہ کي ڇڏيو، مونکي ٻڌايو تہ ھھڙي قسم جون تصويرون ڇا توھان جي...“

”روح کي راحت ڏين ٿيون! ائين نہ نسيم، اهي منهنجي زندگي آهن. مان ڪڏهن بہ انهن کان جدا ٿي نٿو سگهان. ڪوشش ڪندو آهيان تہ ڪين وساري وهان، پر ناممڪن. ڀلا قدرت وٽان ئي موڪلي اها اداسي ملي آهي، تنهنڪري ڪيئن وساريان...“

”اکين ۾ ٿي ويٺو، آءُ واري ڍڪيان،
ٿو ڪي ڏسي نہ ڏيهہ، آءُ نہ ڏسان ڪنهنکي.“

نسيم شاهہ جو فريم ٿيل بيت پڙهيو.

هوءَ شفيق جي چونڊ کي دل ئي دل ۾ داد ڏيئي رهي هئي. پر مذاق طور پڇيائين ”هيءَ شاعر بہ ڪمال ٿا ڪن! ڀلا اکين ۾ بہ ڪو ويهي سگهي ٿو...!!“

”اهو تہ اسان جي ڀلاري ڀٽائي جو عجيب مقام آهي، جو ٻيا دنيا جا شاعر سانس مقابلو ڪري نہ سگهيا آهن. ڪهڙو نہ رس ڀريو بيت آهي. پنهنجي محبوب کي اکين ۾ وهاري پنبڻيون ڀوري ٿو ڇڏي، نہ ڪو انکي ڏسي سگهي نہ پاڻ ڪنهنکي ڏسي. هندي شاعر، ڪبير ڀڳت جو اهڙي معنيٰ رکندڙ شعر آهي.

نيڻن انتر آئيو، نين ڍانپ توهي لون،
نا مين ديکون اور ڪو، نا توهي ديکن دون.

پر ان ۾ حسد جي بوءِ پيئي اچي. شاعر جو مطلب آهي تہ هو پنهنجي محبوب کي اکين ۾ وهاري اکيون ڀوري ڇڏي، نہ ڪو کيس ڏسي سگهي نہ ئي

سندس محبوب ڪنهنکي ڏسي. پر اسان جو پڙائي ان
ڪان مٿانهون آهي."

"پر آءٌ ته پڇان ٿي، ته اکين ۾ ڪو ڪيئن ويهي
سگهندو!"

"اهو ته آءٌ پڙائي رهيو هوس. اکين ۾ وهارڻ
آهي، پنهنجي پريتم جو تصور. عاشق چاهي ٿو، ته هو
فقط پنهنجي محبوب جو ئي تصور ڪندو رهي. هنکي
پنهنجي پريتم جي پچار هجي، ان جي ئي ذات، طلب.
هو انڪان سواءِ ڪنهن ٻئي جو خيال آڻڻ به نٿو چاهي.
باقي رهيو تنهنجو سوال ته اکين ۾ ڪو ڪيئن ويهي
سگهندو. حالانڪ تون مذاق ڪري رهي آهين، پر
آءٌ توکي ٻڌايان ٿو، تون منهنجي اکين ۾ ڏس، ڇا
ڏو ڏسڻ ۾ اچيئي...؟"

"پنهنجي تصوير."

"ها تنهنجي اکين ۾ مونکي پنهنجي تصوير نظر
اچي رهي آهي. هاڻي جيڪڏهن اکيون پوري ڇڏيندس،
ته به تنهنجي تصوير ڏسڻ ۾ ايندم." شفيق اکيون
ٻوٽيندي چيو.

"سو ته آهي، تنهنجو تصور به هر وقت منهنجي
آڏو رهي ٿو." نسيم دل ۾ چيو ۽ فقط ڏڏو ساهه کنيو.

”پلا توهان ايترو اداس ڇو ٿا رهو؟ ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ڇڻ توهانکي پيار نصيب ئي نہ ٿيو آهي.“
نسيم حجت وچان چيو.
”نسيم، ڇا پڇي ڪنديئہ منهنجي دردن کي. ڏئيءَ وتان ئي تہ مايا اٿم، تنجي شڪايت ڪرڙي!“
شفيق ٿڌو ساهہ کنيو.

هن جي روح کي ڇڻ ڪاري ضرب رسي هئي. ماضيءَ جو تصور آڏو ڦري ٿي آيس تہ اندر جا چاڪ ٿي چڪيس. انڪري انهيءَ درد کي ڏکڻ کان روڪيندو هو. پلي تہ ان ڇٽڪ تي ڦو چڙهي وڃي.
”مونکان هڪ وڏي غلطي ٿي جنهن جي ڪري مونکان منهنجو بهترين ساٿي جدا ٿي ويو، ۽ اڄ تائين ان جي ياد منهنجي روح کي ترڦائي رهي آهي. نسيم، مان ان پل جي پوڳت پوڳي رهيو آهيان...“ شفيق جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا.

نسيم، کيس ڏسي رهي هئي، سنڌس چهري تي پيل گهنجن ۾ ٽڪيوت هئي. ڇڻ هو زندگي جي وراڪا ڏيندڙ پيچيده پيچري تي بار کٽي ٽڪجي پيو هجي.
”نسيم، مونکي قدرت وتان ئي پيار نہ مليو. ماڻ تہ ننڍي هوندي ئي ڇڏي ويم. پيءَ جي پدري شفقت،

نہ ماءَ جي هوندي ئي نصيب ٿيو نہ ئي پوءِ مليو. آءٌ پيار لاءِ سڪندو رهيو آهيان، نسيم!" شفيق ٽڪرو ٽڪرو ساهہ کڻي رهيو هو. نسيم کي همدردي جا لفظ ئي نہ ٿي جڙي سگهيا، جو هنکي دلداري ڏئي سگهي. البتہ چهري تي ڏک جا آثار هئس. جنهنکي پسندي شفيق چيو "تون ڇو ٿي غمگين ٿين... ! ڇڏي ڏي هڪ پاڳل انسان جي ڪٿا کي."

"تو هان جو دک منهنجو دک آهي" نسيم حجت وچان چيو.

"آءٌ تنهنجو ٿورائتو آهيان. نسيم! مونکي سهاري جي ضرورت هئي، جو ملي ويو." شفيق سندس هٿ وٺي چپن تي رکيا ۽ هيئن وچان انهنکي چمڻ لڳو. نسيم جي دل ۾ خوشيءَ جون ڇوليون اڀرڻ لڳيون. هنکي ڪو پيار ڪندڙ ملي ويو هو، هوءَ بہ تہ هئي پيار لاءِ سڪايل...!

سورج پنهنجو سفر پورو ڪري، آسائش لاءِ ڌرتي ماتا جي گود ۾ وڃي رهيو هو. سندس زرد ڪرڻا، ڪمري ۾ گهڙي آيا، ڇڻ موڪلائڻ آيا هجن تہ "يار اسين تہ هلئون ٿا، هاڻي پيٺ راتڙي کي ٿا موڪليون. تہ هوءَ ويهي تنهنجي اوجاڳن کي ڳڻي—" پر اڄ تہ

هنکي نہ ان سورج جو شفق جي لالائي ۾ ٻڏل ٿي وڃيو، نہ ئي رات جو اوجاڳو! هن جي زندگيءَ ۾ رات جا سپنا، ننڊڙا ديوي جا ڇاڇي ٿي آيا هئا، ۽ روشن صبح، ارڻ!

نسيم سچ جو اهو پيغام ٻڌي، هلڪ جي واري، شفيق جي دل تہ چيو ٿي، "ويٺي رهہ تون سامهون، ديدار آءٌ ڪريان." پر اکڙين چيس تہ وڻين ۾ ٻئي ڪٽي وهاريس. ۽ هو ڪيس اڳيرو ڇڏي، اچي وڻين ۾ ويٺل نسيم سان رهاڻيون ڪرڻ لڳو. تانجو ننڊرا ديوي گهونگهٽ مان ئي سڏ ڪيس ۽ هو ان وٽ هليو ويو. رات جا روزمره جي عادت موجب، اڄ بہ سندس اوجاڳو ڳٽڻ آئي هئي، تنهن جو هنکي ننڊرا ديوي ڏانهن ويندو ڏٺو، تہ ڪاوڙجي تارن کي حڪم ڏنو، "هن بيوفا انسان سان، پنهنجو نياڻڻ وري ڪهڙو...!" ۽ صبح روشن هنجي زندگيءَ ۾ نئون پيغام کڻي آيو. اڄ هو پاڻکي دنيا ۾ سڀ کان خوش نصيب تصور ڪري رهيو هو.

## (١٠)

صبح جو سچ جا ڪرڻا جڏهن نسيم جي ڪمري ۾ جهاتيون پائڻ لڳا، تڏهن هوءَ ڪر موڙي اٿي ڪڙي ٿي.

پاچائيس هنکي ستل ڏسي موٽي ويئي هئي. هيءَ ٻاهر نڪتي ته، منهن ۾ مليس-

”نسيم چيو، طبيعت ته ٺيڪ اٿئي نه!“

”جي، بلڪل ٺيڪ آهيان، البت اوجاڳو هئم ان ڪري دير سان اٿيس.“

”ڏاڍا اوجاڳا ٿي ڪرين ... !“ پاچائيس چيو، ۽ رڌڻي ۾ هلي ويئي.

”اڪثر پڙهندي رات ٿي ٿي ڪيو تمن، اوهان اوجاڳو نه ڪيو... ! هون ... ٿورڪي ڪيترو قدر اوجاڳن جو... !“ دل ۾ چيائين، ۽ ٽوال کڻي غسلخاني ۾ گهڙي ويئي.

غسل ڪري جڏهن آرسيءَ جي سامهون آئي، ته پاڻکي نئين روپ ۾ ڏٺائين. اڄ هميشه واري اداسي، سوچ ۽ ويچار، چڻ پر ڪري اڏامي ويا هئا. پاڻکي ڏاڍو خوش محسوس ڪرڻ لڳي. وارن کي ڦڻي ڏيئي رهي هئي، ته پاچائيس ڪمري ۾ گهڙي آئي. هنکي جڏهن اڄ ايڏو خوش ڏٺائين ته حيران ٿي ويئي. پڇيائين ته ”ماٺ ڪيو ويٺي رهي، پر رهيو نه ٿيس، ڦهڪائي ڏنائين، ”ڪنهن جي لاءِ اهڙا هار سينگار ٿي رهيا آهن، اڄ ته ڪاليج به ڪونه وڃڻو اٿئي؟“

”منهنجي پياري سهيلي اچڻي آهي.“ ڀاڄائيس کي خوشيءَ وچان ڀاڪر پائيندي چيائين. دل ۾ هئس ”مون گهر مان پرڻيءَ جي اچڻ جو وارو“ پر ڀاڄائيس سان ڪوڙ ڳالهايائين. هوءَ به ڀلا ڪٿي هٿ واري هئي. پڇيائين ته ”ڪير ٿي اچي اهڙي ڀاڳواري.“ هاڻي اچي ڦاٿي ته جواب ڪهڙو ڏئي. نيٺ دل ۾ تري آيس ”رضيه، منهنجي پياري سهيلي.“

”جي اچها آيس.“ رضيه ڪمري ۾ گهڙندي، پنهنجو نالو ٻڌي چيو.

”رضو...!“ اڇلجي ڪري ڀاڪر ۾ ڪيائينس.

”مون ٻئي ڏو کي ياد ڪيو.“

”۽ آءٌ اچي ويس.“

”تو جهڙين جي تات، تن ٻڻ ڏات تنهنجي.“

ٻنهي جي زبانن مان نڪتو.

”سچ...! تو جهڙين جي تات، تن ٻڻ تات تنهنجي. ان ۾ ڪيتري سچائي آهي.“

”ايتري، جهڙي اکين سان ڏسي رهي آهين. تو ياد ڪيو ته مونکي به تولاءِ تات ٿي ۽ اچي پهتيس.“

رضيه چيو.

”آءٌ جنهنکي ياد ڪري رهي آهيان، سو ايندو ياءُ...“ دل ۾ سوچيائين ۽ نيڻ کڻي رضيه جي نيڻن سان ملايائين.

”ڪهڙيون نه وڏندڙ اکڙيون اٿئي، نسيم!“
”چنڊ چٽيندينءَ يا افسانو لکندينءَ؟“
”چنڊ چٽيندس منهنجي سيڻي.“
”۽ افسانو ڇا تي لکندينءَ؟“
”جاڳي اکڙين،
اوهان اوجاڳو نه ڪيو،
اکڙيون پرين ريءَ ته ڪيو ڏمن،
اوهان اوجاڳو نه ڪيو.“

رضيه ٿڌو ساهه کنيو.

سندس اکين ۾ ويراني ڇانيل هئي.

”رضو، منهنجي پياري رضو، ايترو اداس ڇو ٿي رهين.“

”ڍيڻ چڙ کڻي اڻهن ڳالهين کي، هڪ نه ڇمان ها، ٻيو چاپندي جي مران...“

”ڏس رضيه، مونکي ڌاريو ٿي سمجهين، مون سان پنهنجو ڏکڙو سل منهنجي پياري رضو.“

”ڳالهيون پيٽ ورن ۾ وڌي وڻ ٿيون،
پرين سين مون نه ڪيون، ڳوٺي پرين نه ڳڏيا.“

اهو اٿئي منهنجو ڏکڙو، ٻڌي ڇا ڪندينءَ!“

”ڪڙاڪي ڀڄاءِ، توهان ته پڙولين ۾ پيئي ڳالهائين.“
”ڪو ۾ ڳچهي روئي، پڙ رو وجهه ۾ پڙڻ رئي.“
”نسيم، اڙي، هو آيو اٿئي.“ ڀاڄائيس ڪمري ۾ گهڙندي چيو.
”ڪير...“
”او...هو فلاسافر...“
”شفيق... !“
”شفيق صاحب ۽ هتي! هو ته ڪنهن سان پورو ڳالهائيندو ئي ڪونه آهي.“ رضيه حيران ٿي ويئي.
”بابا سان صحبت اٿس، ان ڪري ڪڏهن، ڪڏهن ٻيڙو ڪندو آهي.“ نسيم ورائيو.
سندس دل خوشيءَ وچان ٽپڻ لڳي. ٻئي اٿي ڊرائينگ روم ۾ آيون، جتي شفيق، اشفاق بيگ سان ڳالهائي رهيو هو. هيءَ ٻئي به اچي ويٺيون.
”نسيم، موڪل ٽيڻ سان يونيورسٽيءَ ۾ مباحثا شروع ٿي رهيا آهن. ڪل پاڪستان ڪاليجن جو مباحثو آهي. حصو وٺندينءَ نه...؟“ شفيق پڇيو.
”موضوع ڪهڙو رکيو اٿن؟“
”ادب انسان جي ترقيءَ جو باعث آهي نه سائنس.“
”موضوع ته دلچسپ آهي“ رضيه چيو.

”موافقت ۾ يا اختلاف ۾...“ شفيق پڇيو.
”موافقت ۾...“ پنهي ڳالهه وراڻيو.
”چڱو، ان بابت پنهنجا خيال ظاهر ڪيو.“
بئي چپ ڪري ويهي رهيون.

”شفيق صاحب توهان ان تي روشني وجهو. هي پهلا هڪ چاڙهيءَ جي آڌو ڪيتري آذار تي ڳالهائي سگهنديون!“ اشفاق بيگ چيو.

”انسان جي دنياوي ترقي سندس سماجي ترقيءَ تي مدار رکي ٿي، جيئن فرد هڪ صحيح شهريءَ جي حيثيت ۾ آرام ڀري حياتي گذاري. سماجي ترقيءَ جو مدار وري سندس اقتصادي حالتن تي آهي، ۽ سائنس انسان جي اقتصادي حالتن کي سڌاريو آهي. ڀر ان سان گڏ ڏاڍ، ظلم ۽ حيوانيت جي چار پکيڙي اٿس. سرمائيداري جو وجود ۾ اچڻ جو پهريون سبب سائنس جي ترقي آهي، ۽ انهن سرمائيدارن، جيڪي انسانيت تي هڪ بدنما داغ آهن، انسان جي رت چوسڻ جي ڪوشش ڪئي، انسان جنهنجو آزادي فطرتي حق آهي، تنهنکي غلامي ۾ جڪڙي پيرڻ جي بدترين ڪوشش ڪئي. پوءِ ان ڏاڍ کي محسوس ڪندي، باشعور انسانن هلچل مچائي، انقلاب آندو، ۽ ظلم جو تختو الٽو ڪيو.

انهن باشعور انسانن کي اديب چئجي ۽ سندن وسيلن کي ادب. دنيا جي تواريخن جو مطالعو ڪري ڏسبو، ته انهن انقلابن پيدا ڪرڻ ۾ اديب جو ئي هٿ آهي. فرانس جو انقلاب ڪنهن آندو؟ هڪ معصوم ۽ بيڪس، جي-جي-روسو، جنهن جي سزا موت ٺهرائي ويئي، ان تي طرحين طرحين جا ظلم ڪيا ويا، پر اڄ دنيا ان جي پيش ڪيل ادب جو قدر ڪري ٿي. اردن جي سرد راتين ۾ ڏڪندڙ انسان، گرم واريءَ جون لڪون سهندڙ مزور، جن جي ٽوٽ زندگي، نستا خيال، زنده هوندي به مرده، انهن ۾ روح ڪنهن ڦوڪيو؟ انهن جي سڪل زندگي کي تازو ڪنهن ڪيو؟ دنيا اڄ خليل جبران کي ياد ڪري رهي آهي. ادب ئي آهي جو انسانيت جي ترقيءَ جو باعث بڻيو آهي. انسان جي ترقي پين ڳالهين ۾ ٿي سگهي ٿي، پر انسانيت جو ادب تي دارومدار آهي. شاعر جو به ان ۾ گهڻو هٿ رهيو آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائي جنهنکي عالمي شاعر سڏڻ ۾ سنڌ کي فخر آهي. تنهن پنهنجي ڪلام ۾ انسانيت جو صحيح نقشو چٽيو آهي. جهڙي نموني الاهي ڪلام ذريعي اسان جي پياري رسول اڪرم صلعم جي هٿان، دنيا جي انسانن کي انسانيت جو پيغام ٿي پهتو، تهڙي

نموني اهڙي الاهي ڪلام جو ترجمو شاهه جي طرفان سنڌين نه بلڪ ساري دنيا لاءِ انسانيت جو پيغام ٿي آيو.

جي تو بيت ڀانيا سي آيتون آهين،
وڃيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

ادب انسان لاءِ آئينو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجا عيب پسي ٿو. ادب زندگي آهي، ۽ زندگي ادب.

”چانهه جو دور به هلي ۽ ڳالهيون به هلن. چانهه ٿڌي ٿي رهي آهي.“ اشفاق بيگ چيو.

”نه آءٌ پاڻ ڪلام کي ختم ڪري رهيو هوس.“ شفيق چيو.

نسيم چانهه جو ڪوپ وڏائي آڏو ڪيس. ”شڪريه“ چئي، چانهه ڪٽي پيئڻ لڳو.

”اهڙي نموني سان پيو به گهڻو مواد آهي، ادب جي فائدي ۾... ڀلا تو هين ڀئي تيار ٿيندؤ نه؟“

”رضيه، انهيءَ ۾ ڀرو ونندي ٿي ڪاڻ آهي، باقي آءٌ ڳالهائيندس.“

”ڀڳو شام جو اچ ته توکي ڪي اهڙا مفيد ڪتاب ڏيان.“

”اها ته عنايت ٿيندي.“

ڏورو وقت، اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪري، شفيق موڪلائي هليو ويو. نسيم کي آنند ڏيئي ويو.

شام جو پرينءَ ملڻ هلي ڪري هار سينگار. شفيق بي اختيار ٿي ڪيس ڏسندو رهيو. اوچتو ڪارين اکڙين واري ڇوڪري سندس اکين آڏو ڦري آئي. ”نسيم ۽ ان جو چهرو هڪ جهڙو هو. ڇو...؟“ هن سوچيو. سندس سڄي سوچ جاڳي اٿيا. ”نسيم تنهنجي شڪل ماءُ جهڙي آهي ن...“

”جي... امڙ مون ته ڪانهه ڏٺي. مونکي هن دنيا ۾ ڇڏي پڻ موڪلائي هلي ويئي.“

”تنهنجي ماءُ جو نالو ڇا هو...“

”عائشه“

”عائشه...!“ شفيق جي مٿان ڇڻ بجلي ڪري پيئي.

”توهان ڪيس سڃاڻو ڪيئن؟“

”توهان جو اصل وطن ڪهڙو آهي؟“

”ٺٽي، اسين اصل سکپور جا آهيون.“

”سکپور...!“

”ڇو آخر ڪهڙي ڳالهه آهي، جو توهان اهڙا حيران ۽ پريشان ٿي ويا آهيو!“

”توکي ماءُ آهي...“

”ها، امان کي هڪڙو ڀاءُ هو. بابا ڳالهه ڪندو آهي ته سندس شاديءَ کان پوءِ هو جو گهر ڇڏي ويو ته اچا تائين ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. امان ڀاءُ لاءِ رئندي رڙندي سال کان پوءِ گذاري ويئي.“

”اعجاز...!“

”ها، مامي جو نالو اعجاز هو. توهان انکي سڃاڻو ڪيئن!“

”اعجاز منهنجو دوست هو. نسيم، هو مونکي اڪيلو ڇڏي ويو. هن ڏکن ڀري دنيا ۾، مصيبتن سهڻ لاءِ...“ شفيق جو گلو ڀرجي آيو.

”توهانکي خبر آهي ته ماما گهر ڇو ڇڏي ويو؟“

”ها، مونکي خبر آهي ته هو گهر ڇو ڇڏي ويو. پر نه معلوم هيئن هو ڪيئن هوندو. اعجاز، بيشڪ تون انساني روپ ۾ فرشتو هئين، پر توکي ائين ڪرڻ نه کپندو هو!“ شفيق وقلڻ لڳو.

”مان ته توهانجون ڳالهيون سمجهي ئي نٿي سگهان.“

”تون سمجهڻ جي ڪوشش به نه ڪج نسيم، پر هڪ ڳالهه، پتي هيءَ ڏڪ. بيءَ سان نه ڪج، ته ڪو آءٌ تنهنجي مامي جو دوست آهيان.“

”ڇو...؟“

”انکي راز ۾ رهڻ ڏي نسيم، وقت پڄندي توکي پاڻهي معلوم ٿي ويندو.“ نسيم، انهن ڳالهين تي حيران ٿي ويئي. سوچڻ لڳي ته آخر معاملو ڇا آهي، جو بابا، کان به راز ۾ رکيو پيو وڃي. شفيق به گهري سوچ ۾ ٻڏل هو. رکي رکي اپو ساهه ٿي کنيائين. اندر اندر ۾ کوڙ هوس جو جلي رهيو هو. ۽ رکي رکي ٿي پڙڪو ڏنائين. سندس اها حالت ڏسي نسيم، ويٺي نه سگهي، ڪتاب کڻي هلي آئي. ۽ شفيق وينو سوچيندو رهيو. اعجاز ۽ عائشه جا معصوم چهرا اڳيان اڳيان ڦري ٿي آيس.

”اعجاز، مون جهڙي پاپي انسان لاءِ اهڙي قرباني ... !“

”عائشه، تون ته جلي خاڪ ٿي وئين، پر دکيل ڇٽنگ مونکي سونپي ويئينءَ. ان لاءِ به آءٌ تنهنجو ٿورائتو آهيان.“

نسيم جو چهرو اڳيان ڦري آيس. نسيم، عائشه جي ڌيءَ هئي. ان اندر ۾ وڏهل ٻاري ڏنس ته آءٌ هي ڇا ڪري رهيو آهيان.

عائشه، نسيم جي روپ ۾ هئي. ۽ شفيق انلاءِ سڪندو رهيو. سڄي عمر رڃ ۾ ڀٽڪندو رهيو پيار

جي پرتي لاءِ ڏور کان ڏيک پاٺيءَ جي، پر ويجهو اچڻ تي، سورج جي ڪرڻن ۾ چمڪندڙ ريتي هئي. ۽ هيءَ ان ڪوڙي ڏيک لاءِ انجي پٺيان ڊوڙندو رهيو. بدنصيب انسان کي اهڙو وسري ويو هو ته سندس لاءِ قدرت پيار خلقيوئي نه هو. هو اتي درياءَ کان ٻاهر خال ۾ گهورڻ لڳو، ان وسيع اونداهي خال ۾ جنهن ۾ پري افق تائين ويراني هئي. هن جي زندگي به ته ويران هئي! هڪ دفعو انهن ويران کنڊرن ۾ پڙاڏو برپا ڪرڻ تي چاهيائين، ڪنهن جي مڌر گيت سان.

”نسيم، آءٌ ائين ڪري نه سگهندس...! مونکي تنهنجي سهاري جي ضرورت آهي. ڪاڻثيم، ڇڏي ويم ته پنهنجو روپ توکي ڏيئي ويئي. آءٌ توکي پيار ڪندو رهندس...“

هو ديواڻن وانگر پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو. اندر وارو سلامت ڪري رهيو هوس. جنهن ٻيچري تان هن هلڻ ٿي چاهيو، اهو هن لاءِ اونداهو هو، معلوم هوندي به هو اوڏانهن قدم وڌائي رهيو هو. انسان جي فطرت خود مطلبي آهي. ۽ هو نسيم سان پريم ڪرڻ لاءِ مجبور هو.

”نسيم، ڪي ان راز جي واقفيت نه ٿي وڃي!“

هن سوچيو.

”نہ، نہ آءٌ کڏهين بہ هن کي اهو راز نہ ٻڌائيندس۔“
هن فيصلو ڪيو۔ سندس حالت اهڙي ٿي هئي جهڙي هڪ مزدور جي، جنهن، ساڙيندڙ اس ۾ سڄو ڏينهن پيو رهيو ڪيو هجي ۽ انجو اجورو هنکي اهو مليو هجي، جنهن مان هنجون گهرجون پوريون ٿي نہ سگهيون هجن ۽ هو سوچڻ مان بہ ڪو فائدو نہ سمجهي، پاڻمان ئي بيزار ٿي پيو هجي۔ شفيق بہ چڻ بار کڻي ٿڪجي پيو هجي، پاڻکي کڻي بستري تي ڦٽو ڪيائين۔ ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ناڪام رهيو۔ مٿل سور جي جاڳيا هئس، تن پڻي جهڪ وڌس۔ جاڳي جاڳي نہ معلوم ڪيڏي مهل ننڊ کڻي ويس۔
صبح جو اٿيو تہ سڄي بدن ۾ سور محسوس ڪيائين۔ دماغ چڻ سوچڻ کان جواب ڏئي ويٺو هئس۔ گذريل رات وارو واقعو ياد ڪري ائين محسوس ڪري رهيو هو چڻ خواب لڌو هئائين۔ ڪرسي تي ويٺي ويٺي ذرو وڳا تہ، نسيم، اچي منهن ڪڍيو۔ هن جي چهري تي هوائون اڏڻ لڳيون۔ سوچي رهيو هو تہ هاڻي هن سان ڪهڙي طرح پيش اچي!
”توهان تہ، مونکي پريشانيءَ ۾ وجهي ڇڏيو۔ مونکي اهو پورو واقعو ٻڌايو تہ مامو...“

”نسيم ان ڳالهه کي ڇڏي ڏي. اهو ته ٻڌايو
مانءِ ته مون پاڳل انسان جي آپدا ٻڌي ڀڻ کي
دکي نه ڪر.“

•”توهان مونکي غير سمجهي رهيا آهيو، توهان
جو درد منهنجو درد آهي. ٻڌايو نه ... ! “ نسيم
ننڍڙي ٻار وانگر ضد ڪيو.

”نسيم، محبت، جو هڪ پاڪ ۽ فطرتي جذبو
آهي، ۽ انسان ان لاءِ پياسو رهي ٿو. پر مون اڀاڳي
انسان کي قدرت وٽان ڪي پيار پلئه نه پيو. سڄي عمر
ڏکن ڏاکڙن ۾ گذاريم، دنيا کان پري رهڻ جو پڪو
ارادو ڪيم، پر تو اچي منهنجي خشڪ زندگي ۾
روح ڦوڪيو، ۽ آءٌ پنهنجي سڀني ڏکڙن کي وساري هڪ
عارضي ڀاڪي جي ڀڃيان متوالو ٿي لڳس. پر مونکي اهو
معلوم نه هو ...“. شفيق جو اکيون شرم ۽ ندامت
کان جهڪي ويئون. اندر ۾ جوالا مکي ٻري رهيو
هوس. چهري تي پيلي، پوڙهن گهنجن مان اداسي
لڪي رهي هئي. نسيم کي سندس انهيءَ حالت تي
رحم اچي رهيو هو. هوءَ فيصلو ڪري چڪي هئي ته
آءٌ هنجي زندگي کي سنواريندس.

” آءٌ تنهنجي آهيان، منهنجا...“

"نسيم...!" شفيق ڪيس سيني سان لاتو. اکيون ڇڻ برسڻ لاءِ آتيون هيون. ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا.

"اڙي، هي ڇا...! تون روئي رهيا آهيو...!!

"نسيم، اهي ڳوڙها عائشه جي امانت آهن، جنکي مون پنبڙين ۾ ڇپائي رکيو. پر اڄ سندس ڏيءَ جي پيتا رکي رهيو آهيان."

نسيم ڀڪ ٽڪ سندس منهن ۾ نهاري رهي هئي، سندس چهري تي حيرانگي ڇانيل هئي، ڄڻ ان راز بابت پڇي رهي هجي.

"ها، نسيم، عائشه کي مون پيار ڪيو، ۽ منهنجي ان حماقت مونکان، منهنجو بهترين دوست اعجاز جدا ڪري ڇڏيو. نسيم، خوف اٿم ته منهنجي حماقتن کي ڏسي، تون نه مونکان نفرت ڪرين...!"

"نه، نه...، آءٌ پنهنجي ماءُ جي روح کي شانتي ڏيارڻ چاهيان ٿي..."

"نسيم، اعجاز منهنجو دوست هو. اسين ٻئي گڏ پڙهندا هئاسين ۽ ڪاليج جي هاسٽل ۾ گڏ رهندا هئاسين. مونکي پيءُ گهر مان ڪڍي ڇڏيو هو، ڇاڪاڻ ته بابي تي سندس زال يعني منهنجي ماٽيجي ماءُ جو گهٽو

اثر هو ۽ انکي آءٌ ڏٺو به نه وٺندو هوس. اولاد
جي پيار کان، عورت جي پيار، انسان کي وڌيڪ متوالو
ٿو ڪري. انڪري، پيءُ جي گهر جا دروازا مون لاءِ
بند هئا. مونکان ۾ اعجاز مونکي زور ڪري گهر وٺي
ويندو هو. سندس سڀ عزيز مونکي پائنيندا هئا.
عائشه، جو معصوم چهرو مونکي ڏاڍو وڻندو هو، سندس
ان معصوميت ۾ ڪي لڪل ارمان هئا. مونکي جڏهن
اها خبر پيئي ته، سندس مڱڻو، ننڍي هوندي ئي سندس
سوٽ سان ٿيل آهي، جو هن کان عمر ۾ ننڍو هو،
۽ هوءَ پنهنجي چاچي جي گهر کان بيزار هئي. مون
چاهيو ٿي ته، هڪ معصوم ڇوڪريءَ کي سهارو ڏيان،
جا منهنجي عزيز دوست جي ڀيڻ هئي، پر ان دوستيءَ
جي ننگ، مونکي عملي صورت ۾ مدد نه ڪئي.
ڳالهيون پيٽ ورن ۾ وڏي وٺ ٿيون، پر سين مون
نه ڪيون، گوشي پرين نه ڳڻ يا. عائشه جي شادي ٿي،
دنيوي ڏيک لاءِ ته مون به شرڪت ڪئي، پر مان
پنهنجو ذهني توازن وڃائي چڪو هوس. مان دنيا
مان بيزار ٿي چڪو هوس، ۽ مون هي ملڪ ڇڏيو.
ڌڪا ڌوما کائي آءٌ قاهره پهتس، دنيا جي مصيبتن
مونکي نڊر بنائي ڇڏيو هو. قاهره ۾ پهچڻ کانپوءِ

منهنجي زندگي پلٽئو کاڌو، پورا ويهه سال اتي گذاريم.
نہ تہ منهنجي حالت اهڙي هوندي هئي، جو هڪ هنڌ
ٽڪاءُ اصل نہ ايندو هئم. ويهن سالن جي لمبي عرصي
کانپوءِ اچانڪ ماڳ ورڻ جي سڪ، دل ۾ اڌما ڪاڻڻ
لڳي. موٽي پهرين سڪپور پهتس، پر ڪاريءَ وارا ڪڪ.
”هو جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.“
مونکي اهو پتو پيو تہ اعجاز کي ان راز جي نہ معلوم
ڪيئن ڪڙڪ پيئي هئي ۽ هن پنهنجي پيءُ تي زور
ٻہ آندو هو تہ عائشہ جي شادي مون سان ڪرائي
وڃي. پر هو انهن ڪهنين سماجي رسمن جا پابند هئا.
مذهب کي ڇڏي سگهيا ٿي، شريعت جا قانون ڏوڙي
سگهيا ٿي، پر سماجي رسمن کي نہ. اهوئي سبب هو
جو اعجاز گهر ڇڏيو. نسيم، اعجاز مونکي ڏنءُ ڏيئي
ويو...!

پنهنجي ڳوٺ ويس تہ ابو هن جهان ۾ نہ هو،
ماٽيجي پاڙن گهٽو ئي پيار ڏنو، پر دلي سڪون ڪو
ڪسي ويو هئم، گذريل يادگيرين آڏو اچي، پريشان
ڪرڻ لڳم. سوچيم تہ هاڻي ڇا ڪريان، دل چيو تہ
خدمت ڪر، انهن قوم جي نونهالن جي، جي آئينده
جا ابا آهن. انڪري ڪاليج ۾ پروفيسري ڪرڻ لڳس.

دل ڊانوانڊول هئي. پڙهائڻ ۾ ته، خوشي محسوس ڪندو هوس، پر دل، جا هنن ماڻهن کان بيزار ٿي چڪي هئي، انڪري انهن کان گوشو ڪندو هوس. پر تو اچي مونکي سبق ڏنو ته "پريت نه چنجي پاڻ" يا ائين ڪٿي چوان ته عائشه پنهنجو روپ ڦيرائي مون وٽ آئي آهي. منهنجي نسيم! شفيق کان چڻ بار هلڪو ٿي ويو هو. هو خوش خوش نظر اچي رهيو هو. هن کي پڪ هئي ته، نسيم منهنجي آهي، ۽ منهنجي ٿي رهندي، مان ان کي پيار ڪندو رهندس.

نسيم چڻ ته ڪو خواب ڏسي رهي هئي. شفيق جي سڏ تي ڇرڪ ڀري اٿي کڙي ٿي.

"نسيم اهو اٿئي منهنجو افسانو، منهنجي ڪيل حماقتن جو نتيجو." شفيق سان گڏ نسيم به ٿڌو شوڪارو ڀريو.

"مونکي پڪ نه آهي ته عائشه به مونکي چاهيندي هئي يا نه. باقي انجي خاطري اٿم ته مونکي ڏاڍي عزت جي نظرن سان ڏسندي هئي." شفيق جي انهن لفظن وري نسيم کي خيالن ۾ ٻوڙي ڇڏيو.

"نسيم، ڇا سوچي رهي آهين؟"

"ڪجهه نه...!"

”هي برابر هڪ عجيب واقعو، تنهنجي آڏو آيو
آهي. پر انهن ڳالهين کي بلڪل وساري ڇڏ، ائين
سمجهه، ڄڻ انهن جو تو سان ڪو تعلق نه آهي، نه ئي
اهي ڳالهيون ٻيءَ کي ٻڌائج.“
”بابا سان ڳالهائڻ جي مونکي همت ڪٿي آهي.
اسانجي سماجي بندشن جي رکيا ڪرڻ ۾ ٽي گهر تباه
ٿي ويا. ٻه گهر ته بلڪل اجڙي ٿي ويا، باقي ٽيون گهر
آهي، تنهن ۾ اهو سينگار نه آهي، جهڙو ڪ ٻيءَ
۽ اولاد ۾ هئڻ گهرجي. آخر هي اهڙو نظام ڪيترو
وقت هلندو... ! ڇا هن غلط نظام کي اسين موڙي
نٿا سگهون!!“
”نسيم، اسين انڌا آهيون، اسين ٻوڙا آهيون،
اسين گونگا آهيون!!! موجوده غليظ رسمن، جنکي
اسانجا وڏا بي سمجهي کان بنائي ويا، انکي سمجهندي،
ان جي اثر هيٺ آيل تباهيءَ کي ڏسندي، ٻڌندي،
اسين ڪجهه نٿا سگهون...! ڪجهه ڪري نٿا سگهون!!
والدين پنهنجي نياڻين کي پنهنجي هٿن سان، تباهيءَ
جي آڙاهه ۾ ڌڪو ڏيئي اڇلائين ٿا. فقط ڪوڙي شان
کي سلامت رکڻ لاءِ، هو معصوم نياڻين جي پيٽا رکن
ٿا... !“ شفيق جذبات وچان ڏڪڻ لڳو. نسيم ڪٿي

اڪڙيون اڪڙين ۾ ڪمايس، جڻ ائين چئي رهي هجيس، ته ”اسين ان نظارو ڪي بدلائي ڇڏ ينداسين.“ ڪجهه وقت ائين هڪ ٻئي ۾ اڪڙيون وجهيو نهاريندا رهيا، پر پوءِ گهر جي تانگهه ڪنيس، سوڪلائي اتي هلي. پري تائين شفيق ڏسندو رهيس، جڏهن نظرن کان غائب ٿي ويئي، تڏهين اچي آرام ڪرسيءَ تي ليٽي رهيو. اڄ ٻدن ۾ هلڪاڻ محسوس ڪري رهيو هو. ڏکن جو، جو بار هئس تنهن ۾ جو نسيم، ڀائيوار ٿيس ته ڀاڻ تان گهڻو بوجهه لٿل سمجهيائين، ۽ ويٺو ماضيءَ جي خوش ڪن لمحن کي ويچارڻ.

## (١٢)

مباحثي وارو ڏينهن ويجهو اچي ويو، نسيم ان لاءِ بلڪل تيار هئي. مباحثي ۾ حصو وٺندڙن ڳالهايو ۽ ٻڌندڙن ٻڌو. هاڻي سڀئي انتظار ڪري رهيا هئا ته فيصلو ڪهڙو ٿو ملي. ججن جي ڀاڻ ۾ پٽ ڪوهه لڳي پيئي هئي، نسيم ۽ اختر جون مارڪون هڪ جيتريون بيٺيون ٿي. جج ان ئي مونجهه ۾ منجهيل هئا ته پهريون انعام ڪنهن کي ڏجي. آخر اهو فيصلو وقت جي صدر تي ڇڏيو ويو، جنهن پنهنجي شخصي رائي سان ائين چيو، ”جيتوڻيڪ ٻنهي ڳالهائيندڙن

سنو ڳالهايو آهي ۽ مارڪون هڪ جيترئيون ڪنيون
اٿن، پر مونکي مسٽر اختر جي تقرير پسند پيئي آهي،
انڪري پهريون انعام مسٽر اختر کي ڏنو وڃي ٿو،
۽ ٻيون نمبر نسيم، کي. اميد ته نسيم، دل ۾ نه
ڪندي." ڇوڪرن جي تاڙين جو ٺهڪو پئجي ويو.
نسيم، ڪٿيل بازيءَ کي ائين ويندو ڏسي سڙي ويئي.
جڏهن اختر انعام وٺڻ آيو ته، هونئن جو خيال ۾ نه
ٿي آندائينس سو هينئر گهوري ڏسڻ لڳس. جڏهن
سندس انعام وٺڻ جو وارو آيو ته سيني ڇوڪرن ڪٺي
شور مچايو، رڙيون ڪيون ته "انعام نه وٺندي."
نسيم، اکڙيون ڪٺي شفيق ڏانهن ڏٺو، جنهن اشاري
سان چيس ته اٿي انعام وٺ. هيءَ اٿي انعام وٺي هيٺ
لٿي ته، اختر تي نظر پيس، جو نماڻو ٿيو بيٺو هو
جڻ چئي رهيو هوس ته "انعام جي سچي حقدار تون
آهين، مونکي معاف ڪر." نسيم، سنهن ڦيرائي هلي
آئي. گهر پهتي ته پاڻس ورائي ويس جي ڪهڙي سوچ
پائي آئينءَ- شرم پئي آيس ته، ڪهڙي ويهي پنهنجي
ساراهه ڪري ته، پهرئين نمبر جي پاڻ حقدار هئي، پر
انعام ٻئي کي مليو. جڏهن گهڻو تنگ ڪيائينس تڏهين
ڪٺي پڌايائينس، "پهريون انعام اختر ٺالي ڇوڪري

ڪي مليو ۽ ٻيو نمبر مونکي. پر ادا، ٻهريون نمبر منهنجو هو."

"اختر...! ڪهڙي ڪاليج مان آيو هو." ياڙس حيران ٿي پڇيو.

"سنڌ مدرسه ڪاليج ڪراچي." نسيم ورائيو.

اهو ٻڌي ياڙس جي چهري تي مشڪ ڦهلجي ويئي. سوچيائين ته "اختر ته منهنجو سالو آهي ۽ هينئر آيو آهي. مزو ٿيندو جڏهن انعام جا رقيب هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿيندا." نسيم ان مشڪ کي سمجهي نه سگهي.

"ڇگو هل ڪاڏي جي ڪمري ۾ پاڃاءَ تو لاءِ سيڙي ويٺي آهي، هلي ماني کاءُ."

"نه مونکي طلب نه آهي."

"انعام جي ڏک ۾ ماني نٿي وڻئي."

"نه اها ڳالهه نه آهي، مونکي..."

"ها اها خبر اٿم ته توکي هونئي کانه تي وٺي."

ائين چئي ٻانهن کان ڇڪي وٺي ويس ڪاڏي واري ڪمري ۾، جتي اختر ۽ پروين ويٺا هئا. هنن ٻنهي جي جا هڪ ٻئي تي نظر پيئي، چڙ هٿن مان ڪجهه ڪري پيئن. اختر کان ته چمچو هٿ مان ڪري پيو.

اها حالت ڏسي پاڻس وٽي ڏهڪن تي ٽوڪ ڏنا.
نسيم بيهي نہ سگهي يڪدم هلي ويئي ـ پروين حيران ٿي ويئي، تہ آخر معاملو ڇا آهي ـ

”هاڻي لطف ٿيندو، هيءَ ٻئي شينهن ٻيلي ۾ ڪيئن رهي سگهندا.“ ظهير کلندي چيو.

”ڇو ڇا آهي...؟“ پروين پڇيو.

”ڇا آهي...! ڪانهي خبر، پاڻهين ڳالهہ ڪانہ ڪيئہ ڇا؟“

”ڇا جي ڳالهہ، ڪهڙي ڳالهہ...!!“

”مباحثي ۾ پهريون انعام اختر کنيو آهي، ۽ نسيم کي ٻيو نمبر مليو. پر نسيم چوي تہ پهرئين انعام جي آءٌ حقدار هئس. هاڻي لڳندو جهيڙو.“ ظهير کلندو رهيو.

”اها حقيقت آهي، پهريون انعام نسيم جو هو.“ اختر چيو.

”پوءِ تون ڪيس موٽائي ڏي.“ پروين پاڻ کي جهليو.

”چري، هيڏي پري مجلس ۾ اعلان اختر جي باري ۾ ٿيو ۽ هاڻي موٽائي ڏيندو تہ ڇا ٿيندو. پر هوءَ وڏندي بہ ڪانہ. مزو تہ هاڻي اهو ٿيندو تہ نسيم اختر جي سنهن نہ چڙهندي، ۽ اختر رهندو ٻہ ٻہ هفتا ڪن.“

”پوءِ آءٌ اڄ ئي هليو ٿو وڃان.“ اختر چيو.

”نه، زوراور، ائين وري ڪيئن ٿيندو. پاڻيهي پروين توهان جي ناهه ڪرائي ڇڏيندي.“ ظهير ائين چئي هليو ويو. پروين پاڻ کي ماني ڪارائي، سندس سمهڻ واري ڪمري ۾ ڇڏي، سڌي نسيم جي ڪمري ۾ آئي، جا ان مهل ڪو ڪتاب پڙهي رهي هئي.

”ڇا ڪري رهي آهين نسيم.“

”ڪتاب پڙهي رهي هيس. اچ، ويهه اچي.“

”اختر کي ان ڳالهه جو ڏاڍو افسوس آهي.“ پروين ڪرسيءَ تي ويهندي چيو.

”نه، ان ۾ افسوس جي ڪهڙي ڳالهه آهي، نصيب ۽ لياقت جو ڪم آهي.“ نسيم وراڻيو.

”حادثو به عجيب ٿيو آهي، اختر ويچارو پر ڀاهرو اچي ڪاليج ۾ لٿو ۽ پوءِ هت آيو آهي. توسان ته بلڪل ڏيٺ ٿيل نه هئس. منهنجي شاديءَ تي به اچي نه سگهيو هو، ان وقت لاهور ويل هو. هنکي افسوس فقط ان ڳالهه جو آهي ته تون هن جي آڏو اچڻ کان...“

”نه، نه... چري آهين ڪيئن، تنهنجو پاڻ ۽ اسان جو مهمان آهي، انجي عزت ۽ خدمت ڪرڻ اسانجو فرض آهي. تون هي ڇا چئي رهي آهين.“

”پوءِ تون سويل هلي چو آئينءَ!“
”ادا هرو ڀرو مذاق ڪري رهيو هو، انڪري هلي آيس... تون ناراض ٿي ٿين ته اٿ ته، هينئر ئي هلي تنهنجي پاءُ سان ملان ٿي.“ نسيم پروين کي پرچائڻ لڳي.
”خير هينئر ته هو آرام ۾ هوندو، صبح جو...“ ائين چئي پروين موڪلائي هلي ويئي.

( ١٣ )

صبح جو نسيم باغيچي ۾ چهل قدمي ڪرڻ لاءِ نڪتي ته هڪ اوپري ماڻهوءَ کي ڇپر جي پاريءَ ۾ ٽهلندو ڏٺائين. پهرين ته هبڪي بيهي رهي، پر پوءِ يڪدم ياد اچي ويس ته هو اختر آهي. هاڻي سوچڻ لڳي ته هن سان ملي ڪيئن! جي نٿي ملي ته پاڇائيس ٿي دل ۾ ڪريس. اجا اهي پئي پور پچايائين ته اختر، جنهن کيس پريان ئي ڏسي سڃاتو هو، سو ويجهو آيو.
”مان ڏاڍو شرمنده آهيان، جو منهنجي اچڻ ڪري توهان...“
”اها ڪا خاص ڳالهه نه آهي، جنهن کي توهان ايترو اونهو وٺي رهيا آهيو.“ نسيم سندس جملو اڌ

۾ ڏيندي چيو. ”در اصل مونکي افسوس آهي جو رات توهان کي ڪيڪا ري به نه سگهيس. توهان ته اسان جا عزيز ۽ مهمان آهيو. مونکي ان ٿيل حماقت ڪري معافي ڏجو.“

”نه اهڙي ڪا خاص ڳالهه ڪانه آهي. البت هي حادثو عجيب نموني ۾ پيش آيو آهي.“

”زندگيءَ ۾ اهڙا گهٽيئي حادثا رونما ٿين ٿا. ڪي بازي هارائين ٿا، ته ڪي کٽن ٿا.“ نسيم چيو.

”انساني زندگي به ته هار جيت جو فيصلو آهي، ڪي هارائي کٽن، ته ڪي کٽي هارائين ٿا.“ اختر پوئي مان گل پٽيندي چيو.

نسيم ان جملي تي ٿورو خيال ڏنو، پر ڪجهه چوڻ نه چاهيائين. فقط اکيون کٽي ڏانهس نهاريائين. اختر اکير وچان ڪيس ڏسي رهيو هو. ان اڻ چرندڙ جذبي کي نسيم ڪجهه ڪجهه محسوس ڪيو، پر درگذر ڪري ڇڏيائين. سمجهيائين ته اها هر نوجوان ڇوڪري جي فطرت هوندي آهي.

قدم کڻندا اچي گهر جي ورانڊي ۾ پهتا ته ظهير ملين، تنهن جو هنن کي گڏ ايندو ڏٺو ته واڪو ڪري چوڻ لڳو ”اڙي توهين پاڻ ۾ پرچي ويو ڇا!“

”هونءَ پاڻ ۾ رڏل هئاسين چا...“ نسيم اتر ڏنو.
”رڏل نہ تہ وري چا، رات تہ ڪاوڙ مان ماني بہ نہ کاڌءِ!“

اختر اکڙيءَن کٽي نسيم ڏانهن نهاريو.
”توکي رڳي پيئي مذاق سجهندي آهي. منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ هئي، انڪري گرهہ نہ کاڌم.“ نسيم پاڻ کي جواب ڏنو.
”چڱو هينئر تہ کائيندينءَ نہ...“ پروين اچي چيو.
”هلو نيرن تيار آهي.“ سڀ اچي کاڌي واري ڪمري ۾ ويٺا. نيرن ڪري ظهير تہ آفيس هليو ويو. باقي پروين، نسيم ۽ اختر اچي ڊرائينگ روم ۾ ويٺا تہ نوڪر اچي اطلاع ڏنو تہ شفيق صاحب آيو آهي.
نسيم اٿي استقبال لاءِ دروازي وٽ ويئي تہ پروين پير ڏاهيا، چي ”ڀائي هاڻي توهان ويهي فلسفين سان منهن ڏيو.“ اختر بہ اڳيرو اچي شفيق سان مليو.
”توهانکي شايد مون ڪٿي ڏٺو آهي.“ شفيق چيو.
”جي، توهان هنکي رات مباحثي ۾ ڳالهائيندي ڏٺو هو.“ نسيم چيو.
”ها...ها، مبارڪون هجنو توهان کي پهريون انعام حاصل ڪيو.“

”ءِ بي مزي واري ڳالهه اها، ته اسين عزيز هوندي به هن ڪان اڳ، هڪ ٻئي جا واقف نه هئاسين.“ نسيم، چيو. اختر فقط مشڪي ڏانهس نهاريو. شفيق ان مشڪ کي ڀانپي ورتو. ٽيئي اچي ڪرسين تي ويٺا. پر خاموش هئا. نسيم، سوچي رهي هئي ته ڪا ڳالهه، ڇڙي پوي ته شفيق جا ٻه چار ٻول ٻڌون. اختر يڪ ٽڪ نسيم، کي ڏسي رهيو هو. هو سوچي رهيو هو ته، ڏٺيءَ ڪيس واندڪائيءَ ۾ ويهي ڏاهيو آهي. ڇا حسن صورت اتس ته ڇا حسن سيرت! ءِ شفيق ته، نه معلوم ڇا سوچي رهيو هو. ظاهري ته، ائين خاموش ويٺو هو، پر اندر سان ويڙهن هئس. اختر جي شخصيت ڪيس گهڻو ئي متاثر ڪيو هو، ويتر جو ڪيس نسيم، ڏي قرب وچان نهاريندو ڏٺو هئائين، تنهن ته ڪيس پريشان ڪري ڇڏيو هو. اندر وارو اچلون ڏيئي ٻيو چويس ته ”تون غلط رستي تي هلي رهيو آهين. هڪ معصوم ڇوڪريءَ جي حياتي برباد ڪري رهيو آهين.“ ”پر محبت ته، ان ڳالهه جي محتاج نه آهي.“ پاڻ کان سوال ڪيائين.

نوڪرياڻي چانهه کڻي آئي تڏهين سندن خيالن جو بند ٽٽو. نسيم، چانهه ٺاهي اڏو رکندي چيو:

”اڄ مڙيئي ڪو غير معمولي حادثو ٿيو آهي، جنهن ڪري تو هان ويچار ۾ ٿا ڏسجو.“

”ن، حادثو ته اهڙو ڪين ٿيو آهي، البت هڪ نقطو دل تي تري آيو ان تي ويچاري رهيو هئس.“ شفيق وراڻيو.

”ڀلا اسين ٻڌي سگهون ٿا اهو نقطو!“ نسيم مذاق ڪندي چيو. هوءَ ڳالهه کي ڪجهه ٽاڻي وئي هئي، ۽ چاهيائين ٿي ته ان اثر کي نظر انداز ڪري ڇڏي.

”پر افسوس جو اهي خيال ۽ ويچار لفظي صورت وٺي نٿا سگهن.“ شفيق چيو، ۽ ٿڌو شوڪارو نڪري ويس. هو انهيءَ آنند ماڻڻ کي ته ڊاهي رهيو هو، پر ڏکيل انسان جا ڦٽ جلد اڪلي پوندا آهن. نسيم ان ڳالهه کي محسوس ڪري چڪي هئي. اختر سان صبح جو ڳالهائي رهي هئي، ان ۾ ٻن کي ڪافي لطف اچي رهيو هو. اختر جي صورت ٻه ته وڏيس پئي دل چوڻيس ته پيئي ڏسان. پر آخر عورت هئي، عورت جا شرم حياءَ جي پتلي آهي. شايد قدرت عورت کي انسانيت جو آئينو ڪري خلقيو آهي، ته مرد اخلاق سکي ته عورت وٽان، جا مجسم اخلاق آهي. پنهنجون

اوٽاڀن دور ڪرڻيون هجنس ته عورت کي ڏسي،
جنهن کي ناقص العقل سڏجي ٿو، سا ڪيڏي نه نهٺي
۽ بلند ڪردار آهي، ۽ هيءُ جو پاڻ کي عاقل ڏو
سمجهي، پر طبيعت اٿس هلڪڙي جو جلد گمراه
ٿيو وڃي.

”ڇا، محبت ۾ جنسيات جو دخل آهي؟“ اهو سوال
هو، جو شفيق جي دماغ ۾ چڪر هڻي رهيو هو، ۽
هو ان کي مفڪر انسان وانگر سوچي رهيو هو، ۽
پاڻ کي ائين سمجهي رهيو هو ڄڻ ڇوري ڪندي
پڪڙجي پيو هجي. آخر ڳالهه کي ٽارئيندي چيائين
”اڄ ڏينهن ڪهڙو نه سندر آهي، ڪنهن باغيچه جو
سئر ڪجي.“

”ڳالهه ته دل وٺان ڪئي اٿو، اڄ آسمان تي به
ڪڪر مڙي آيا آهن، گهمڻ ۾ ڏاڍو لطف رهندو.“
نسيم ائين چيو ڄڻ آتي ويٺي هجي. هوءَ ان خاموشيءَ
مان بيزار ٿي پيئي هئي.

”اختر صاحب، توهان پلا ڪپڙا بدلائي اچو.“
شفيق چيو.

اختر ويو سو جلدي ڪپڙا تبديل ڪري آيو ته
نسيم به پنجن منٽن جي اجازت وٺي ويئي ڪپڙا مٽڻ

موٽي ته پروين سليس، تنهن پڇيس ته ”ڪاڏي ديهاري ٿي آهي سرڪار عالي!؟“

”اڄ سئر ڪرڻ تي طبيعت ٿي آهي.“

”اڪيلا، صلاح به نه ٿا ڪيو.“

”توکي اسان سان گهمڻ ۾ ڪهڙو لطف ايندو، توکي ته پنهنجي گهوٽ سان گهمڻ ۾ مزو ايندو.“ نسيم مسخري ڪندي چيس.

”پوءِ ان کي به ٿا فون ڪري گهرايونس.“

”فون به تون اڄي ڪرينس، مائي اسان جو ته چوڻ ڏي ڪونه مڃيندو.“

آخر ظهير کي به گهرايو ويو، ۽ هيءَ ٽولو موٽر ۾ چڙهي نڪري پيو گهمڻ. آسمان تي ڪارا ڪڪر مڙي آيا هئا، ڏسڻ ۾ ته وسڻ جا آثار هئا، پر وسيو نه ٿي. سيني جي راهِ بيٺي ته درياهَ تي هلجي، ۽ اڄي درياه شاه دادلي تي پهتا، جو اڄ موج ۾ هو. چوليون اڀيون اڀيون ٿيو اچيو ڪناري تي سٽڪو ڪن.

”اڄ ته سهڻيءَ واري ڏک ٿو ڏئي.“ اختر چيو.

”درياه جي هڙي حالت کي ڏسي، سهڻيءَ کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. درياه جو ڏڏڪو دليرن جون دليون ڏڪايو ڇڏي. پر واه ڙي سهڻي، تنهنجي همت! عورت ۽ ايڏيَ دل!!“ ظهير چيو.

”محبت قرباني چاهيندي آهي، ۽ سهڻيءَ اها قرباني ڏئي اهو ظاهر ڪ ي ڏيکاريو ته ڪمزور عورت هوندي به، محبت جي امتحان ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ انهن خوف خطرن کان نٿي ڊڄي، تان جو جان گنوايائين.“ شفيق چيو.

سيني جي چهرن تي عقيدتمنديءَ جا نشان هئا.

”دنيا ۾ محبوبن جي جدائي وڇوڙي کي عزت جي نظر سان نٿي ڏسي، پر اسان ته اوڏرو ئي هن مهراڻ کي چاهيون ٿا.“ ظهير سوال ڪيو.

”هي سوجن پريو مهراڻ ته ٻڍيءَ جا پيئا ٿيڻ جو وسيلو آهي. تنهن کان سواءِ اسان جي زندگيءَ جو دارومدار هن تي آهي. اهوئي سبب آهي جو اسانجا سر سندس عظمت آڏو جهڪيل آهن، جيئن پنهنجي معبود خالق آڏو. پر اهي نادان انسان هوندا آهن، جي ٿوريئي تڪليف کان گهٻرائجي، قدرت سان شڪوه ڪرڻ لڳندا آهن. ايتري قدر جو خدائيت جا انڪاري ٿي پوندا آهن. عشق جي منزل ۾ اچا ڪي امتحان آهن.“ شفيق سوال جو جواب ڏنو ۽ سڀ سري اچي ٻيڙيءَ پيڙا ٿيا. نسيم ۽ پروين ته درياه جي دهشت ڏسيو ڊڄڻ پيئون، ٻيڙيءَ تي چڙهن ئي نه. نيٺ دمن

دلاسن تي چڙهيون. پيٽي وٽ هئي اڪري ڪو خوف خطرو نہ هو. سلاح وڌجھ ورايو، واءُ سڻائو هو ۽ ٻيڙي لڏندي لمندي، لهرن سان ڪيڏندي، مهراڻ جي سيني تي ترڻ لڳي.

”گراموفون ڪنيو اچون ها تہ بهتر. هيڙي فضا ۾ راڳ، عجيب سرور ڏيو چڙي.“ ظهير چيو.

”پر اسان ڪي فوني جي ضرورت ڪهڙي. اختر تمام سٺو ڳائيندو آهي.“ پروين ٻاڻ نالي چيو.

”پوءِ تہ ڏاڍو مزو، اختر تہ لڪل رستم نڪتو.“

”نہ...نہ... مان چا ڇاڻان ڳائڻ مان.“ اختر چيو.

”هاڻي ادا، جند ڏو ڇڏائين.“ پروين ٻاءُ ڪي چيو.

”اختر توڪي ڳائڻو پوندو.“ ظهير چيو.

”پٽ، ٻڌاءِ ڪٿي، محفل ڪان ڪو منهن موڙجي.“ شفيق بزرگانہ انداز ۾ چيو. نسيم جي نظرن تائيد ڪئي، ۽ اختر ڳائڻ لڳو. آهستہ آهستہ آواز ڪچندو ويو، هوا سان ستي. لهرون، جي ٻيڙيءَ کي ٺڪيون هٽي رهيون هيون، سي چڻ ساز جو ڪم ڏيئي رهيون هيون. اختر جو روح وڇي رهيو هو. وڇي بہ ڇو نہ! دل ڏيئي، درد جو ورتو هئائين، تہ هاڻي ڪٺل وانگر ڪوڪاري رهيو هو، ۽ ڪلام بہ تہ ٻٽائي گهوٽ جو

هئي، جنهن وڏي ٿي وڌا. ڏوهيڙن ته باجنسي ڪئو ٿي.

”ڪنڌي ۽ جهليو ڪانهي، عاشق ايو آهون ڪري،
ته ڪيئن بوڙي سهٽي بيلي منهنجي پانهي،
درياه تهتي ڏاڌن ڏيندس ڏينهن قيام جي.“

سيني جون نظرون پاتار ۾ پيئل هيءَن، چٽ سهٽي
ڳوالي رهيا هئا. اختر جڏهن ڳائي بس ڪيو، تڏهن
سيني تڏو ساه ڪنيو.

”ڏهن غضب جو ٿو ڳائين!“ ظهير داد ڏنو.

”آواز ڏاڍو مٺو اٿس.“ شفيق تائيد ڪئي.

نسيم رکو نيڻن سان نهاريس.

”همت افزائي ۽ جو شڪريه.“ پروين ٻاهه جي پاران
چيو. سيني کان ٿهڪ نڪري ويو. اختر جون نگاهون
نسيم جي نيڻن سان ٽڪر کائي هيٺ ٿي ويئون.
ٻيڙي به اچي ڪناري پهتي ٿي. سڀ لهي اچي ڪار
۾ ويٺا ۽ واپس ماڳ وريا. اختر خوش هو ته، نسيم
آڏو اندر کولي رکيم، ۽ نسيم سوچي رهي هئي ته
”اختر جو سندس من ۾ پيهي ويو آهي. هن جي دل
۾ ته فقط شفيق لاءِ جڳهه آهي.“ ۽ شفيق نه معلوم
ڇا سوچي رهيو هو. آخر اچي گهر پهتا ٿيا. شفيق
وات ۾ ڏي گهر وٽ لهي ويو.

نسيم گهر پهچندي سدي پنهنجي ڪمري ۾ هلي آئي. سوچ هئس جا پاڻ سان گهلي آئي هئي. هر هر اختر جي تصوير ڦري ٿي آيس، ۽ ان جي تصور ۾ عجيب آنند اچي رهيو هئس. گهڻو ئي دل کي سمجهايائين ۽ ان خيال کان پاسو ٿي ڪيائين، پر دل وريو اوڏانهن ڇڪيو وڃيس. لختر جي هر ادا کيس وڻي رهي هئي، "آواز ڪهڙو نه مٺو ۽ وڻندڙ اٿس!" منجهند جي ماڻيءَ تي به اختر ۾ نظرون ڏسُس، پر وريو اچيو شفيق جو مغموم چهرو آڏو ڦريس. دل ۾ عجيب آنند مانند اچي اٿيس، منجهي پيئي ته ڇا ڪري. انهن خيالن کي متاثر لاءِ ڪتاب کڻي پڙهڻ لڳي، پر رکو ورق ورائڻ ئي پلئه پيس. هر هر اختر جي تصوير آڏو ڦري ٿي آيس. نيٺ خيال ڪيائين ته اٿي شفيق ڏي وڃان ته من پريي، ۽ هيءُ اجايا خيال دفع ٿين. ٻاهر نڪتي ته اختر، پروين، ظهير ۽ پڻس ڇپر تي ڪرسيون وجهيو ڪيرم کيڏي رهيا هئا. پروين جو هن کي ڏٺو ته سڏي چيائينس ته اچي راند رهي.

”بابا ڏوهان پاڻ ۾ ڏي پورا آهيو، مان ڪاڻ ڏي ڪيڏان.“ نسيم ورائيو.

”نہ پٽ، تون اڃي ڪيڏ آءُ اٽان ڏو. مان تہ ائين ويڙس جو ٻاڻين ڪي ساٿي نہ هو. هاڻي اڃي تون ويھ.“ ائين چئي اشفاق بيگ اٿي ڪڙو ڏيو.

دل تہ نہ پيئي چويس، پر اختر جون اکڙيون هيون، جنهن ڪري اچي ويٺي.

”هاڻي توهين ٻئي ڇٽيون ساٿي ٿيو ۽ اسين ٻہ ڄڻا. ڏسون ڪير ٿو بازي کٽي!“ ظهير چيو.

”اسين عورتون، بازي هونئي هارايو ويٺيون آهيون.“ پروين مشڪندي مڙس کي جواب ڏنو.

”ان نظريہ ۾ تون غلط آهين، ادي!“ اختر چيو، ۽ اکڙيون کٽي نسيم ڏانهن ڏٺائين. ڄڻ چوندو هجيس تہ ”جيت تنهنجي آهي. آءُ بازي هارائي چڪو آهيان.“ راند کيڏندا رهيا. اختر کان ساريون ڪچي نہ ٿي سگهيون يا هن سعيو ڪري نہ ٿي کنيون. راند کي ائين ويندو ڏسي، ظهير رڙ ڪري چيس، ”يار، تون هٿ وٺي پنهنجي ستيا ناس ڪري رهيو آهين، نهيل نڪيل ساريون نٿو کٽي سگهين!“ اختر چپ رهيو.

”سويل تہ جهٽ ڪري ڏي ورتئہ.“

”بابا نسيم جي دهشت آهي. وڏي ڪلاڙيءَ آڏو، پلا هي للو پنهجو ڪيڏاري بيهي سگهندا.“ پروين ڀاءُ تي ٽوڪ هڻي.

”آءٌ وري ڪهڙي راند ڪيڏي رهي آهيان جو ڪٽي خوار ڪيو اٿئي.“ نسيم، ڀاڄائيءَ کي چيو.

”همت ڪر، راند هٿن مان نہ وڃي.“ ظهير همٿائيندي چيس.

”پاڻ بازي هونئي هارائي چڪا آهيون.“ اختر اسٽرائيڪر کي زور مان هڻندي چيو. ہ تي سارين وڃي ٻاهر ڪريون.

”يار اهڙا جي حال اٿئي تہ پوءِ پاڻ اڏون ٿا.“ ظهير ٻلؤ چنبڙي اٿي ڪڙو ٿيو.

”وينو تہ ڪهڙيون ڏاڙيون هڻي هو راند تي، هاڻي جڏهن هارائڻ تي آيو آهي تہ اڏ مان ڳيڏي ٿيو وڃي.“ پروين ٽوڪيس.

”چڱو، چڱو توں ئي سورهہ.“ ائين چئي ظهير تہ رمندو رهيو.

”هاڻي ڪهڙي راند ڪجي؟“ پروين پڇيو.

”بئڊ منٽن“ نسيم وراڻيو. هونءَ جا راند ڪيڏڻ تي مرضي نہ هئس، هاڻي تہ دل پيئي چويس تہ ويڃي هجان، سامهون اختر هجيم ۽ آءٌ ويٺي ڏسانس.

”آءٌ رئڪيٽس ڪٽي اچان ٿي.“ پروين ائين چئي اٿي ويئي، ۽ هيءَ ڪجهہ وقت تہ ماٺ ڪيو ويٺا رهيا، اکڙيون هيئن جي سٽي ڪجيون ٿي ۽ وري هيٺ ٿي ويٺيون.

”توهان راند ڏاڍي بهتر ٿا ڪيڏو.“ اختر ڳالهائڻ جي خيال کان چيو.

”مون کي اهڙي راند نہ ايندي آهي، ڀاڄائي خواه مخواه مذاق ٿي ڪئي.“

”جيت تہ توهان جي ٿي نہ.“

”توهان برابر راند ڪندا رهو ها تہ آخر جيت توهان جي ٿئي ها.“

”هڪ دفعو هارايل انسان، وري کٽڻ جي ڪهڙي اميد رکندو.“ اختر ٿڌو ساه کڻندي چيو. نسيم اکڙيون کڻي منهن ۾ ڏٺس.

پروين رئڪيٽس کڻي آئي، هيءَ اٿي راند ڪيڏندا رهيا، پر سندن من ڪنهن ٻيءَ ۾ هئا. آخر هلڪي

اونداهي ڏيٺ تي آئي ته هنن راند بند ڪئي، ۽ ڳالهڙيون ڪندا پنهنجن ڪمرن ڏي هليا ويا. نسيم پنهنجي ڪمري ۾ آئي، دل ۾ عجيب هلچل متل هئس. پاڻ کي نئين دنيا ۾ سمجهڻ لڳي، رکي رکي اختر آڏو ڦري رهيو هوس ۽ انجا مٺا ۽ وڻندڙ ٻول ڪنن ۾ گونجي رهيا هئس. "آءٌ ته بازي هارائي چڪو آهيان... هڪ دفعو هارايل انسان وري ڪٽڻ جي ڪهڙي اميد رکندو..."

۽ هيءَ اهڙن سندر خيالن ۾ مگن هئي ته در تي هلڪو کڙڪو ٿيو ۽ ان سان گڏ ڪنهن اندر اچڻ جي اجازت گهري. آواز اختر جو هو.

"جي، اچو..."

"معاف ڪجو، توهان جي پڙهڻ ۾ رخنو وڌم."

"نه...نه، ائين ڪتاب ڪئيو ويٺي ڏٺم، پڙهيم ڪونه ٿي."

"ڪمري ۾ دل نه لڳم، رات جو ته ننڊ به دير سان ٿي اچيم، انڪري خيال ڪيم ته، توهان وٽ ڪو ناول هجي ته..."

"ويهو."

اختر ڪرسي سيري ويٺو.

”توهان الائي ڪهڙي ليکڪ جي ڪتابن کي پسند ڪندا آهيو. سون وٽ ته سنڌي ناولن ۾ پمپاڻيءَ جا ناول، ٽئگور جا ترجمه ۽ انگريزيءَ ۾ Mary Corlie ۽ Rider Haggard جا ناول آهن.“

”منهنجا به اهي ئي پسنديده ليکڪ آهن.“ اختر هڪ ڪتاب جا ورق ورائيندي چيو.

”پمپاڻي جي ناول ”وڏوا“ جي نائڪا ’سونا‘ جي ڪردار بابت توهان جو ڪهڙو خيال آهي.“ نسيم بحث ڪرڻ جي خيال کان سوال ڪيو.

”سونا جو بهترين ڪردار آهي. پمپاڻيءَ سونا کي عورت جي صحيح ۽ سچي روپ ۾ پيش ڪيو آهي.“

نسيم ڏٺو ته اختر، دڪي تي بيٺل مباحثو ڪندڙ اختر نه آهي، پر هر ڳالهه جي آمنا واريندڙ آهي. انڪري ڳالهه مٿائي پيرن ڳالهيون ڪندا رهيا، تان جو رات جي مانيءَ جو وقت ٿيو ۽ ماني کائي هرڪو وڃي ڪمري ۾ آرامي ٿيو. پر نسيم جي ننڊ اڏامي چڪي هئي. اڄ سندس خيالن ۾ شفيق نه هو، پر اختر پيٺل هو.

”اهو ته لازمي آهي ته محبت ٿي ويندي آهي.
انسان جي ڪن حسن خوبين يا ڪن جذبن جي اثر
هيٺ، ان لاءِ دل ۾ ڇڪ ٿيندي آهي، ۽ ان دل جي
چاهت کي محبت سڏيو وڃي ٿو. پوءِ ان قرب ۾
ڪنهن کي سواءِ پنهنجي محبوب جي، نه اکين آرام
نه نيڻن ننڊ، هر گهڙيءَ ان جي ذات طلب، اکنڊ ۽
اڪير ته مان ملان سڄڻين. پر محبت جا ڪن جذبن
جي اثر هيٺ ٿيندي آهي، ان کي همدردي چئجي.
پر دلين جو ڳانڍاپو، جوڙ جيس کي ڏسي ٿو، ۽ اها
محبت اچيو جنسيات تي محدود ٿيو وڃي. يعني ته
شادي لازمي ٿيو پوي. ٻن روحن جي ملڻ سان گڏ
ٻن جسمن جو ملڻ به لازمي ٿيو پوي. پر محبت انهن
جنسي جذبن کان گهڻو اعليٰ ۽ پاڪ جذبو آهي.
شادي ڪرڻ ڪري محبت جو صحيح مقصد فوت ٿيو
وڃي. ان مان ان انسان جي خودغرضي ظاهر ٿيو پوي،
جو فقط جسم سان محبت ڪري ٿو، جو ان جي جسم
جو خريدار ٿيڻ چاهي ٿو، هن کي محبت جهڙي پياري
جذبي جي خبر نه آهي.“ اهي خيال هُما جي شفيق جي

ذهن ۾ اپريا ٿي، لڳا ٿي. هو سوچي رهيو هو ته
”محبت ۾ شادي ضروري آهن؟“
”پر عاشق، وصل لاءِ به ته ماندو هوندو آهي،
هن جي دل پرينءَ ملڻ لاءِ واجهه پيئي وجهندي آهي.
چاهيندو ائين آهي ته محبوب آڏو هجيم، پوءِ انجو
واحد وسيلو سواءِ شاديءَ جي ٻيو ٿي نٿو سگهي.
سماج کي به ڏسڻو آهي.“ شفيق کي خيال آيو.
”هڪ جوان عورت، جوان مرد مان ئي پورو لطف
ماڻي سگهي ٿي. قدرت انسان جي فطرت ئي اُهڙي
خلقي آهي، جو هڪجهڙائي ۾ هم عمري پسند ڪري
ٿو.“ اندر واري ملامت ڪيس، ته ”هڪ معصوم
عورت جي زندگي برباد ڪري رهيو آهين، جا پيار
لاءِ سڪندي رهي آهي. تون هن کي پيار ته ڏيئي
سگهين ٿو، پر هن وٽان موٽ ۾ ملندڙ پيار جو لائق
نه آهين.“
”آءٌ پليل هوس، نسيم! آءٌ تنهنجي زندگي وڃائڻ
نٿو چاهيان.“ شفيق ڀڻڪيو.
”آءٌ ڪيس اکين ۾ ويهاري پيار ڪندو رهندس.“
عائشه جي تصوير آڏو ڦري آيس، جنهن کي چڻ ته
عرصي کان وساري ويٺو هو. دل مان درد جون تاڻون

ٿي اڀريس، چاهيائين ٿي ته هنياءُ ڦٽي روئي، پر ڳوڙها اکين ۾ خشڪ ٿي ٿي ويس، نه ننڊ ٿي آيس، نه جاڳندي ڪو سک، اندر جي پيڙا وچان ڪراهي رهيو هو.

”مونکي معصوم نسيمه جي زندگي سنوارڻ گهرجي، هوءَ مون اڀاڳي انسان کي خوش ڪرڻ جي ته گهڻي ڪوشش ڪندي، پر پاڻ سک نه ڀرائيندي.“ هن پڪو ارادو ڪيو، ۽ ان تي سڄي رات سوچيندو رهيو...

اهائي رات راڻي هئي جا ماءُ وانگر ٻچن کي ڳوڙ ۾ سنڀاريو لولي ڏيئي رهي هئي. درد کان ڪراهيندڙ ٻچي کي آٿت ڏيئي رهي هئي، ته خوشي وچان ٻوڙ ۾ ٻڏريل ٻار جي ٻولين کي ٻڌي، انجي خوشيءَ ۾ حصو وٺي رهي هئي، ۽ پڻ ان ٻار ڏي قرب وچان ڏسي رهي هئي، جو ان ڪراهيندڙ جي ٽڏن ساهن، ۽ خوشيءَ وچان ٻوڙ ٻڏريل جي ٽڙندڙ مکڙي کي ڏسيو، سوچي رهيو هو.

ان رات جي ڦهلايل ڳود ۾ اختر سوچي رهيو هو. نسيم جو من موهيندڙ مکڙو هن جي آڏو ڦري رهيو هو، ۽ ان سان گڏ پنهنجو خوش ڪن مستقبل، جنهن

۾ زندگي هئي، نسيم جا ٽڪرا هئا، جي گلن جي صورت وٺي، هن جي لال زار وادين ۾ ڏڙي ڦي پيا، ۽ هو انهن کي چونڊي رهيو هو. سندر سپنن ۾ جو اڏيل محل هئس، تنهن کي سينگاري رهيو هو.

۽ نسيم جي آڏو، شفيق جو دکدائڪ چهرو هو، جنهن تي اپريل نسون جي وڏي عمر ڪري گهٽ، پر پريشانين ڪري وڌيڪ ظاهر هيون. هوءَ سوچي رهي هئي، اختر جو ٽڙندڙ چهرو به آڏو پئي ڦريس. اختر جي تصور ۾ جو آنند اچي رهيو هوس، سو شفيق جي تصور ۾ گهٽ، هن لاءِ ته فقط همدردي هئس. ماءُ جي تصوير آڏو ڦري آيس. ”مان پنهنجي ماءُ جي روح کي شانتي ڏياريندس، ان لاءِ ڪٿي مون کي ڪيڏي به قرباني ڏيئي پوي.“ هن ۾ اهو عورتپڻو جاڳي اٿيو، جنهن جو قربان ٿيڻ مول ۽ مقصد هو، ۽ ان تي سڄي رات سوچيندي رهي.

## (١٦)

پئي ڏينهن اختر ڏي گهٽ توجه ڏنائين. سويل ئي ڪتاب کڻي ڪاليج اچي پهتي. شفيق کي گولي رهي هئي ته پروفيسر بشير تي نظر پيس، وڪ وڌائي اچي پڇيائينس ته، ”شفيق صاحب اج نه آيو آهي ڪيئن!“

”نہ هن جي طبيعت ڪجھہ ٺيڪ نہ آهي انڪري اڄ ڪاليج نہ ايندو.“ پروفيسر بشير وراڻيو.

هيءَ سوچ ۾ گم ٿي ويئي، آهستي آهستي وکون کڻندي، شفيق جي گهر ڏانهن راهي ٿي. سندس قدم ٿڙڪيا ٿي، ان ڏوهاري وانگر جنهن کي ڦاسي جي سزا ملي چڪي هجي. هن جي ارمانن جو بہ تہ خون ٿي رهيو هو، اختر جهڙي محبوب صورت تان جو هٿ کڻي رهي هئي! ڪنهن جي سک خاطر پنهنجي زندگي وڃائي رهي هئي، هڪ دل همٿائي رهي هئس، تہ ٻي دل ان خشڪ زندگي جو ڀيانڪ روپ ڏيکاريو، ڊيڄاري رهي هئس. اهي پور پچائيندي نيٺ اچي شفيق جي گهر پيڙي ٿي. اندر قدم ڌريائين تہ شفيق ٿي نظر پيس، جو چڻ تہ هن جو انتظار ڪري رهيو هو.

”مون کي پڪ هئي تہ تون ايندينءَ. ڪالهہ شام جو بہ تنهنجو انتظار ڪيم، پر تون ڪانہ آئينءَ.“ شفيق چيو.

”ڪالهہ توهان ڏي اچي رهي هيس، پر ياچائيءَ نہ ڇڏيو. اختر اڄا اتي آهي انڪري...“

”نسيم مون کي توسان ڪجھہ ڳالهائڻو آهي، ۽ پڪ اٿم تہ جيڪي مان چوندو سانءِ انڪي مڃيندينءَ.“

”جي آءٌ ته گولي آهيان، حڪم ڪريو.“ نسيم نوريءَ واري نياز وچان چيو.

”نسيم، تؤکي شادي ڪرڻي پوندي.“

”شادي... ڪنهن سان...!“ سوال ذڙيءَ مان مشڪل سان نڪتس.

”اختر سان...“ شفيق فيصلي ڪن لفظن ۾ چيو.

نسيم حيران ٿي ويئي، دل ۾ ڪجهه خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويس، پر پاڻ سان جو واعدو ڪري آئي هئي، سو ياد اچي ويس.

”پر آءٌ ته تؤهان جي...“

”ها نسيم، آءٌ تنهنجي ان ارادي کي سمجهان ٿو، پر مان جيئڻ چوان ٿو توکي ائين ڪرڻو پوندو.“

”نه...نه...آءٌ توهان کي ڇڏي نٿي سگهان. مون پنهنجي ماءُ جي روح سان وعدو ڪيو آهي، مان پنهنجي ماءُ جي ان پڙڪندڙ روح کي شانتي ڏيارڻ چاهيان ٿي، تؤهان جي سک ۾ ئي هن جي آتما کي آرام ايندو!“ نسيم رئڻ لڳي.

”پگلي، روئي رهي آهين.“ شفيق دل تي چڙ پٿر رکي چيو. سندس دل به ڀرجي آئي هئي، پر ضبط ڪري ويو.

”تنهنجي سک ئي تہ منهنجي خوشي آهي. منهنجي محبت شاديءَ جي بندڻن کان بلکل اعليٰ ۽ پاک آهي. پنهنجي ماءَ ۽ منهنجي روح کي خوشي پهچائڻ ٿي چاهين تہ منهنجو چوڻ مڃ.“

نسيم فقط اکڙيون کنيو کيس ڏسي رهي هئي.

”نسيم، آءٌ تنهنجو ٿورائتو آهيان، جو منهنجي خشڪ زندگي کي تو اجي سنواريو، پر پڪ ڄاڻ تہ تنهنجي ان رشتي ۾ منهنجي ئي خوشي آهي. آءٌ نٿو چاهيان تہ ڪير مون وانگر ڏوجهرا سهي.“

نسيم چپ ڪيو ويٺي پڏو، هوءَ گهري سوچ ۾ ٻڏل هئي.

”نسيم، جواب ڏي، ڇا سوچي رهي آهين؟“ شفيق پيار وچان پڇيس.

”جي... آءٌ توهان کي خوش رکڻ جي هر ممکن ڪوشش ڪنديس.“ نسيم چيو.

ڪجهه عرصي تائين ٻئي صبر ڪيو ويٺا هئا. نيٺ نسيم موڪلائي گهر هلي آئي.

## (١٧)

ڪمري ۾ ڪتاب رکي ويٺي مس تہ ڀاڄايس پيهي آيس.

”ڇو، اڄ سويل ئي موٽي آئين ٿي؟“ پروين اچڻ سان ئي پڇيس.

”ائين ئي، ڪاليج ۾ دل نہ لڳم، انڪري موٽي آيس.“

”ڪٿي ٿي اڄ ڪلھ دل لڳي...“ پروين مذاق ڪئي.

”ڏو وٽ، ڇوان تہ سچو ڏينھن تو وٽ ويٺي ھجان.“ نسيم مذاق جي موٽ مذاق ۾ ڏني.

”ڪاش! تون مون وٽ ويٺي ھجين.“ پروين ٿڌو ساھ کڻندي چيو.

”افوھ! ڪڏھن کان عاشقيءَ جو رنگ چڙھيو آھي، ظھير نٿو وٺي ڇا!“

”نسيم پياري، منھنجو چوڻ مڃيندين ٿي؟“

”جيڪو چوڻ، پر ھن کان اڳ ڪونہ مڃيو اٿم ڇا پاڻي!“

”ڏس! پاڻي جو رشتو ڪھڙو نہ مٺو آھي، تون بہ پاڻ کي پرڻائي پاڻيءَ کي گھر ۾ آڻڻ لاءِ ڪيتري وقت کان دل ۾ ارمان سانڍيو ويٺي ھئين ٿي.“

”پوءِ تون بہ ڪٿي اختر کي پرڻاءِ.“

”پر مونکي تو جهڙي پاپي گهرجي، تون منهنجي پاپي ٿين ته سٺو. نسيم، اميد ته منهنجو چوڻ نه موٽائيندين. مان اختر جي حالت ڏسان ويٺي، هو توکي ڏاڍو چاهي ٿو. نسيم، پياري اميد ته منهنجو عرض قبول ڪندين.“ پروين منٿ ڪندي چيس.

نسيم شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺي هئي، خيال ويٺي ڪيائين ته ڪهڙن لفظن ۾ جواب ڏئيس، هوءَ راضي هئي، سندس دل خوشيءَ وچان ٽپا ڏيئي رهي هئي.

”نسيم...“

”جي پاپي...“

”جواب نٿي ڏين.“

”آءٌ تنهنجي آهيان پاپي...!“

پروين کٽي پاڪر پاتس.

”نسيم...!“ ٻاهران ظهير رڙ ڪئي ۽ ڊوڙندو ڪمري ۾ گهڙي آيو، ”نسيم، مامو آيو آهي... مامو آيو آهي...!!“

”ماما آيو آهي...!“ ٻئي خوشيءَ ۾ ٽپندا ٻاهر نڪتا.

”ڪٿي آهي...!؟“

”ڊرائينگ روم ۾ بابا سان ويٺو آهي—“ گهڙي اجي اعجاز سان مليا، جو ورهين کان گم هو. اعجاز نسيم کي ڏرڙ تي چمي ڏني. نسيم، سندس چهري ۾ نهاري

رهي هئي. هڪ ضعيف انسان هو، سندس مٿي ۽ ڏاڙهيءَ
جا وار حد کان وڌا ٿي چڪا هئا، اکين ۾ سچ ۽
سورهيائي جي جوت ٻري رهي هئس.

"نسيم ته هوبهو عائشه جهڙي آهي." اعجاز نسيم
جي چهري ۾ نهاريندي چيو.

عائشه جي ذڪر ايندي ئي سيني جي چهرن تي
ڏک جي ريکا ڦري ويئي. اعجاز ٿڌو ساهه کنيو. نسيم،
جا ان راز مان اڳ ئي واقف هئي تنهن پروڙي ورتو.

"ماما، توهان ڪي ڪو دوست به هو، پيارو تمام
پيارو."

"ها پٽ..." اعجاز ٿڌو ساهه کڻندي چيو.

"اهو هت آهي، توهانکي ڏاڍو ياد ڪندو آهي."
سيني نسيم ڏانهن نهاريو.

"شفيق...!" اعجاز پڇيو "ڪٿي آهي؟"

"هو اسان جو پروفيسر آهي."

"پروفيسر شفيق...!" اشفاق بيگ حيران ٿي ويو.

"جي، اهوئي پروفيسر شفيق." نسيم وراڻيو.

"ڪٿي آهي؟ مان هن کي هينئر ملڻ ٿو چاهيان."
اعجاز اٿندي چيو. هو وڇڙيل يار سان ملڻ لاءِ ماندو هو.

”توهان ويهؤ آءٌ ڪيس وٺي ٿو اچان.“ ظهير چيو.
”ها پٽ، تون موٽر ڪاهي ڪيس جلدي وٺي اچ.“ اشفاق بيگ پٽ کي چيو.
”پر ماما جي اچڻ جو نه پڪ ٿي آهي، ڊيلي ته هت اچي اوچتو ڏسيس.“ نسيم چيو.
”نه پٽ، آءٌ ڪيس ملڻ لاءِ اوڏانهن ويندس، گهر گهرائي به ڪو دوست سان ملڻو آهي.“ اعجاز چيو.
ظهير ڪار ڪيدي آيو ۽ اعجاز پنهنجي ورهين جي وڇڙيل محبوب دوست سان ملڻ هليو.

## (١٨)

شفيق، نسيم جي وڃڻ کان پوءِ سوچي رهيو هو. سندس دل ڪجهه مغموم ته ڪجهه خوش هئي. سندس آڏو سندس زندگي هڪ دفعو پلٽو کائي چڪي هئي. هو هاڻي فقط ياد ماضي کي وسارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. عائشه ته هن دنيا ۾ ڪانه هئي، پر اعجاز جي سڪ ستائي رهي هئس.
در کڙيو ظهير ۽ اعجاز اندر گهڙيا، اعجاز جو شفيق کي ڏٺو، تنهن کٽي ياڪر ۾ ڪيس.

”شفيق ۰۰۰! تون مونکي اڪيلو روهه ۾ رولي وئين.“

”اعجاز ۰۰۰!“ ٻنهي جي اکين مان خوشيءَ جا ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

”اعجاز مونکي معاف ڪج، منهنجي حماقتن جي ڪري توکي ڪافي صدما پهتا.“

”شفيق، در اصل منهنجي ئي حماقت هئي، خير، ڇڏ انهن گذريل ڳالهين کي. مونکي اهو ٻڌاءِ ته هيترو وقت ڪٿي هئين. مون توکي ڳولڻ ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ڳولي، پر افسوس جو تون ملي نه سگهئين. هندستان ۽ پاڪستان جي ورهاڱي ٿيڻ تڏهن آءٌ هندستان ۾ هئس، ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي، نه گهر نه گهاٽ، ان ڪري ڀارت سرڪار مونکي جاسوس سمجهي گرفتار ڪري رکيو، لڳاتار ڏهه سال جيل ۾ رهيس، پوءِ جڏهن ڏٺائون ته هن جو نه اوهي نه واهي، انڪري آزاد ڪري ڪڍي ڇڏين. تنهنجي ڇڪ به هئي ۽ اچي محبوب سان ميلو ٿيو.“

شفيق کي ته شرم ٿي آيو ته پنهنجي زندگيءَ جو ڪهڙو حال ٻڌائيس. نيٺ اعجاز جي اسرار تي ڪيس پنهنجي نوڪرن جي ڀيڙو احوال سڻايائين.

اعجاز سندس ڪمري کي واچي رهيو هو. اهائي اداسي ۽ ويراني جا هن، سندس ڪاليج واري زماني ۾ هاسٽل ۾ رهندي ڏٺي هئي. اهڙي تصويرون، شفق جي لالائي ڦهلائي، ٻڏندڙ سج، انتظار ۾ اداس اکڙيون، ۽ شاهه جا بيت.

”آءُ ڪنڌي سي سيڻ، راتيون جاڳن جي...“

# COSSOR

**ڪوسُر......!** ڪهڙو نه مٺو نالو.......! ٺهڙو مٺو سُريلو آواز......! ڪوسُر ريڊيو خريد ڪريو. مضبوط سهڻن ڪيسن ۾ بند، پائيدار موسمي خرابين کان محفوظ، هر لحاظ کان بهترين، ١٩٥٩ جو نئون ماڊل، اڄ ئي اسان وٽ ملاحظه فرمايو. تنهن کان سواءِ ريڊين جي مرمت به ڪري ڏيڻ ۾ اچي ٿي. اڄ ئي اسان وٽ تشريف فرمايو.

**يادگيريون...؟** تصويرون ماضيءَ جي خوش ڪن لمحات ۽ يادگيرين جون تصويرون زندگي کي تر و تازه رکن ٿيون. تصويرن لاءِ بهترين ڪيمرائن ۽ فلمن جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ اسان جون خدمات حاضر آهن.

هر قسم جون بهترين ڪيمرائون ۽ هر قسم جا بهترين رول........ تنهن کانسواءِ هر قسم جو فوٽوگرافي جو سامان سڀ اسان وٽان ملي سگهي ٿو.

## نور ريڊيو ڪارپوريشن اينڊ فوٽو اسٽوڊيو

### اڄپت روڊ حيدرآباد سنڌ.

PRINTED AT:
PIONEER PRINTERS,
RISALA ROAD, HYDERABAD (W. PAK.)